
# منهنجي حياتيءَ جو



# سونهري ورق

ويرچند مولچند مهڙاڻي (روپ)

# منهنجي حياتيءَ جو
# سونهري ورق

ليکڪ :- روپچند مولچند مهراڻي (روپ)

قيمت :

في ڪاپي - 12 روپيه

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

[ چاپو پهريون ]      [ 400 ڪاپيون ]

تاريخ 15 آگسٽ 1985

حق ۽ واسطا قائم

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ڀُلنامو

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| 3 | 14 | صاحب | ڏرٻار صاحب |
| 18 | 12 | ڪانا | ڪٿانا |
| 19 | 17 | ڀو يوءِ | ڀر ٻوءِ |
| 25 | 6 | ٻرو | ٻهٽر |
| 31 | 8 | 7 | 6 |
| 40 | 4 | 1948 | 1940 |
| 41 | 2 | جڻ | جڻن |
| 41 | 18 | گگا | گنگا |
| 42 | 1 | بابو | بابا |
| 46 | 3 | هو | هوا |
| 48 | 11 | خٽر | خاطر |
| 49 | 9 | صاحب | صاحبن |
| 53 | 8 | کان | کي |
| 69 | 5 | کان | کي |
| 81 | 4 | سدا | سڏان |
| 81 | 5 | چڻن | چڻجن |
| 84 | 3 | پيدارا | ڀرپور پيدارا |

# ارپڻ پتر

گهڻيءَ سِڪ، پريم ۽ شرڌا سان ارپڻ ڪريان ٿو پنهنجي پرم پياري پوڄيہ گرديو سائين سروپداس صاحبن ۽ پرم پوڄيہ ماتا صاحب ڀير ٻائي مولچند ميڙاڻيءَ جي پوتر چرنن ۾ - انهن جي ئي آسيس سان اهڙو سونهري موقعو مليو مانش جنم سڦل ڪرڻ جو! اهڙي مهر ڪندا رهندا - مشڪل آسان ڪندا جئن جنهن راهہ تي هلي رهيو آهيان شل توڙ تائين ان راهہ تي ئي هلندو رهان ۽ ٻئي طرف منهن نہ ڦيريان جئن شاهہ صاحب فرمايو آهي -

وڃہ سَئين وامڻ - ڪنڌ نہ ڦيرجہ ڪاڏهين<br>
لوڙهي سر لپامڻ - متان لڄئي شاهہ لطيف چوي.<br>
(شاهہ)

# شڪر گذاري

1- مان هاردڪ شڪر گذار آهيان پنهنجن ستگرن پرم پوڄيہ بابا صاحب سروپداس، بابا ماڌوداس ۽ بابا گوبندداس جن جو، جن اهڙي ٻڌي ۽ شڪتي هن پستڪ ڇپڻ لاءِ ڏني.

2- ڀائي شامداس ۽ ڀائي ساڌورام صاحبن جي به شڪرگذاري ڪريان ٿو. وقت به وقت انهن وٽان سهڻيون صلاحون مليون ۽ پستڪ ڇپائيءَ موڪلڻ ۾ سهيوگ ۽ سهڪار ڏنو.

3- پنهنجي دلبر دوست هرگوبند رامچنداڻيءَ جو به ٿورو نه لاهي سگهندس جنهن هن پستڪ لکڻ لاءِ هر طرح حيلو هلائي مڃايو ۽ پستڪ ڇپجڻ ۾ هر قسم جي صلاح ڏني ۽ پاڻهين پهلي ٿي پيئو.

4- پياري مترءَ هردل عزيز دوست چمنداس ڪرناڻيءَ مالڪ ڪرشنا پريس جو به ٿهدل شڪرگذار آهيان جنهن پستڪ ڇپڻ ۽ پروف وغيره جاچڻ هموار ڪيو.

5- پريتم پياري گوبندرام ٻالچنداڻيءَ هن پستڪ جا آخري پروف جاچڻ جو ڪم پاڻ تي رکيو جنهن لاءِ مان سندس هردم شڪرگذار رهندس.

6- مان شري گوبند مالهيءَ جو به ٿورو ڪين وساريندس جو ان صاحب بنان ڪنهن به آنا ڪانيءَ جي هن پستڪ لاءِ مهاڳ لکي ڏنو ۽ پستڪ جي سونهن سرس ڪئي.

**روپچند مولچند مرزاڻي**
(روپ)

نيو دهلي 65
B 203/2 ايسٽ آف ڪيلاش
نيو دهلي - 10065

# مهاڳ

هالاڻي درٻار ساهتيہ جي وڏي ۾ وڏي درٻار نہ هئي ٿي، پر سنڌڙيءَ جي مکيہ درٻارن ۾ اُن جو اوچو آسٿان رهيو. مٿي ڪان وڌيڪ، اُن جي مهتا نہ صرف ساهتيہ تائين محدود نہ رهي بلڪ اُن جا شرڌالو سنڌ ۾ دور دور تائين ڦهليل هئا. جن ۾ هندو هئا، ليڪن سک هئا ۽ ڪي مسلمان بہ هئا.

هالاڻي درٻار جو وساکيءَ جو ميلو هنڌين ماڳين هاڪارو هو. درٻار صاحب کان ڳڙهہ جي وڏي پڌر تائين لڳ ڀڳ هڪ ميل جو مفاصلو ٻنهي پاسن لاڳيتن دڪانن سان سجي ويندو هو. ميلي لاء، وڪري خريديءَ جو وڏو مارڪيٽ پيدا ٿي ويندو هو. ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون، راڳ ۽ ڪيرتن، ڀڄن ۽ ڀڳت جي نہ ڇڳي رنگت لڳندي هئي. مون بہ ٽي ميلا ڏٺا ننڍي هوندي. هڪ ئي وقت درٻار اندر ماسٽر چندر ڪيرتن ڪندو هو، بزار ۾ پنهنجي پکي اندر مشهور ڳائڻي ڇوٽي ٻائي ڪلام ڳائيندي هئي ۽ پڌر ۾ مرلي ڀڳت لکي ڪهاڻين جي موج وڻائيندو

هو ۽ تنهي هند ماڻهن جا حشام موجود هوندا هئا -
هندو، سک ۽ مسلمان.

ڀائي سرو پداس صاحب جي گادي نشينيءَ جي
دوران ۾ هالاڻي دربار جي اوج ۾ تمام اضافو آيو
هو. تيجسري صورت ۽ ڏڪا ۽ ڏيا جو مالڪ هو.
هنجو گروجن ۽ اُن جي وارثن ۾ الوهيت ويساهه هو.
پنهنجي سو ڀي رڌي سڌي جو ڌڻي هو. هن
وقت هو ڪنهن قسم جا سوالي ايندا هئا - تن جا،
اولاد جا، صحت جا ۽ من جي شانتيءَ جا هن
ڪنهن کي به خالي نه موٽايو. پولن پومن، سخن
۽ اندو شراس جو هو دشمن هو. ڪيترن شرڌالن
جا پوم پرلا پگهائين، ڪيترن کي اند شرڌا ۽ سسن
کان ڇڏائي ڏيارائين ۽ هڪ نام ۾ وشواس ڏيارائين
لن لاءِ سوالين جي منوڪامنا پوري ڪرڻ لاءِ
ڪاري ڌاڳي جو سهارو ڏيندو هو.

مون هن جي مهانتا جو هڪ ذڪر منهنجي نديرڻ
جي پلڊ گيرين ۾ "پيارت جيون" ۾ ڪيو آهي.
منهنجي مائيلي ملاڻ بالڪترن جي راهه موجب هستريا ۽
ڏاهين جي راهه موجب لگمت ۽ کن بيولگين جي
چوڙ موجب جن جي واسي جو شڪار هئي. هالاڻي
دربار ۾ هنجو چاچو ڀائي ساچنداس رهندو هو.

ماسٽر چندر بہ راڳ جي شروعاتي سکيا ڀائي ساڄنداس
کان ورتي. هنجي ڇوٽي ٻاٻا جن ڀاڳيءَ کي ڀائي
سروپداس صاحب وٽ وٺي ويا مان بہ گڏ ويو سان.
سروپداس صاحب جي ڪاري ڏاڍي جن ڀرپت کي
ٻچائي ڪيو ۽ ڀاڳيءَ کي آخر دم تائين تڪليف نہ
ٿي. هن ڪامل ست پرش جي چمتڪارن جا ٻيا بہ
مثال ڏٺي سگهجن ٿا. هن ڪتاب جي پاٺڪن لاءِ
ڀائي سروپداس صاحب جو هڪ وڏو چمتڪار جو
مثال موجود آهي خود ڪتاب جي ليکڪ روپچند
ميراڻيءَ جي جنم جو. هيءَ ڪتاب ٿوري ۾ 1908
کان 1985 تائين ٻڌي ساکي آهي - هالاڻي درٻار
جو اتهاس ۽ ليکڪ جي جيون ڪهاڻي هڪ ٻئي سان
ڳنڍيل آهي.

روپچند سنت خواهہ هند درٻار ۾ صاحب ۽ اُن سان
ڳنڍيل پنهنجي جيون جي ڪهاڻي سچائيءَ ۽ سليس
نموني بيان ڪئي آهي، انهيءَ ڪري اُن ۾ صرف
هالاڻي درٻار جي شردالن لاءِ ئي نہ عام پڙهندڙن
لاءِ بہ رچي جو مواد موجود آهي.

روپچند پنهنجي زماني ۾ سٺو ڳائيندڙ ليکڪ هو
اڄ بہ هو روچڪ ڪيرتن ڪندو آهي. هو ساهتيہ
سان بہ دلچسپي رکندڙ آهي. هن اڳ ئي سنڌ جي

سگهڙن جي ڪلام جو سهڻو ۽ عيوضي مجموعو (سرهاڻ سنڌڙي جي) ڇپائي ساهتيه ۽ سنگيت جي ڄاڻ جو چڱو چوکو مثال ڏنو آهي.

روپچند منهنجو گُرڀائي راڄائي نه، منهنجو ڏورانهون عزيز ئي نه، پر مترُ رهيو آهي. سنڌ کان وڃي، ساهتي ڪلب ۾، ڪاليج زماني ۾، ۽ ويلا ڪائيندي هن سان جو ناتو جڙيو هلندو اچي ٿو.

مون هنجو راڳ ٻڌو آهي ۽ ساهتيه رچي پرکي آهي. منهنجو پنهنجو ناتو ڪجهه سال هالائي دربار سان رهيو آهي. ان ڪري هن ڪتاب ۾ ڄاڻايل ڪن ڪردارن ۽ گهٽنائن بابت مونکي ذاتي ڄاڻ رهي آهي. هن ڪتاب پڙهندي ڪيترين يادگيرين تازو ٿيون. ان لاءِ مان خود روپچند جو آڀاري آهيان.

مونکي پڪ آهي ته پڙهندڙن کي به هن ڪتاب مان ڄاڻ ۽ لطف حاصل ٿيندو ۽ بس.

**گوبند مالهي**

راج ڪرڻ،
مهاتما گانڌي روڊ
ڪانديولي، بمبئي 67

# ٻه اکر

جيتوڻيڪ منهنجي دادا روپچند ميراڻيءَ سان جاڻ سڃاڻپ صرف ٻن سالن جي آهي پر هڪ ٻئي جي ويجهو اچڻ سان ۽ رهاڻيون ڪرڻ سان ائين لڳندو آهي ته اسين اڳئين جنم ۾ ضرور يار هئاسين - دادا جو دربار صاحب هالاڻي سان واسطو سنڌ جنم کان وٺي آهي ۽ منهنجي خيال ۾ دادا جهڙو ڀاڳوان انسان ڪو ورلو هوندو جنهن جي اٿاهه وشواس سبب سنڌ گهر ۾ دربار صاحب هالاڻي جي ٽن سنتن - سائين سرويداس صاحب، بابا ماڌوداس صاحب ۽ هن وقت گدي نشين بابا گوبنداس صاحب جن پنهنجا پوتر چرڻ گهمايا آهن - هيئنر به جي ڪڏهن ڪو سر ۾ ڀامن جو دک ايندو اٿس ته اکيون ٻوري سنتن جو ڌيان ڌاري کين ياد ڪندو آهي ته سڀ دک يڪدم دور ٿي ويندو اٿس.

دادا پنهنجي مشهوريءَ کان دور ڀڄندڙ آهي - منهنجي نئي همٿائڻ ۽ گهڻي چوڻ کانپوءِ مس ڪري دادا قبولي، پنهنجي جيون جا ڪي ورق جن جو واسطو دربار صاحب هالاڻي وارن سنتن سان رهيو

آهي - لکڻ شروع ڪيائين ته جڏهن سندس مٿن ماڻهن
دوستن ۽ سڄڻن کي خبر پئي ته سندن جي جوڻن
ٻڪرڻ ۾ ڪيڏو نه ڏهون جو سڪ ملي ٿو - انهيءَ ڪري
هن آخر ۾ لکيو آهي ته مرڻ گهڙيءَ تائين هيءَ دز
جهڪو جهلو اڄ سو نه ڇڏيو - مان پنهنجون شيءِ
پاونائون ڪيس ڏيان ٿو ته شل مالڪ مهربان ان لاءِ
ڪيس شڪتي ڏيندو .

**هرگوبند وامچنداڻي**

16.2.85

# منهنجي طرفان —

هيءُ پستڪ پاٺڪن جي هٿ ۾ آهي. اِئين لکڻ جو ويچار گهڻ وقت کان پر اصل ڪونه هو. مگر منهنجي پياري مِتر دلبر دوست شري هرگوبند رامچنداڻيءَ جي گهڻي زور ڀرڻ ڪري همت ڪيائي ۽ سگهه ۾ قلم بند ڪيو اٿم. وڏا به چوندا هئا ته ”هڪ چوي، ٻيو مڃي، اُن جو ڪيو الاهه به نه پڇي.“ هن مِتر سان ٻه سال ٿيا آهن ته ملاقات ٿي. رهندو به ويجهو ٿي آهي. ڏيري ڏيري سنبند ويو وڌندو روز نه ته هفتي ۾ 2-3 دفعا ضرور گڏ ٿا آهيون. روحانيت بابت به ذڪر ٿيندو رهيو هڪ ٻئي جي خيالن جي به ڏي وٺ ڪبي هئي. سڀاويڪ اهڙي واتاورڻ ۾ دربار صاحب هالاڻيءَ الي جي مها-پرشن جي ڪلائن ۽ ڪرامتن جو شخصي آزمودي جو به مان ڪيئنس ڳالهيون ٻڌائيندو هوس. جيڪي به آزمودا مون پنهنجي حياتيءَ ۾ پرايا هوا سي سڀ آزمودا اُن واتاورڻ ۾ چوڻا پوندا هوا. اهي ٻڌي منهنجو دلبر دوست چوندو هو ته اهي سڀ آزمودا ته وڇڙ آهن. انڪري اوهان چپائي پڌرا ڪيو ته

پيا ٻه پڙهي ڪجهه لاڀ وٺن . پهرين ته ٻڌو ۽ اڻ ٻڌو
ڪري ڇڏيم . هي دوست ٻه مهڙو نڪتو ڇولڊو
آيو ـ يار بار چوڻ ڪري موٽڪي آخر منهنجو پيو ۽
هي پستڪ لکڻ شروع ڪيم . منهنجي دوست ٻه
به اڪر لکي ڏنا جي ٻه وڏا اٿم . مالهي صاحب هت
دهلي آيو هو . ان سان ملاقات ٿي . مون ڪيس
پستڪ جي مهاڳ لکڻ لاءِ وينتي ڪئي جا ان صاحب
خوشيءَ سان قبولي مهاڳ لکي ڏني . بس اهين پستڪ
تيار ٿي ويو ۽ اوهان جي هٿن ۾ آهي . ممڪن آهي
ته ڪي اوڻايون پو ٽايون هجن جن لاءِ مان سڀني
کان معافي طلبگار آهيان . هن ڏس ۾ قدم اکري
ڪيو اٿم ته مون کي مترن ۽ پيارن کي ڪو روحاني
لاڀ حاصل ٿئي . ساڳئي وقت اها آشا اٿم ته هن
داس کي به آسيس ڪن ته شل اهو لاڙ مرڻ گهڙيءَ
تائين جڙيل ٿي رهي . پنهنجي ۽ هر سان ٻه رهجي
اچي ۽ آنند ۽ مرج ماڻيندو رهان دلبر ڏسي پنهنجي
دل ۾ . بس هيو ڪجهه نه .

روچيند مولچند منڙاڻي
(روپ)

نيو دهلي
3-5-1985

# درٻار صاحب هالاڻي

## ۽ منهنجو جيون ڀر جو ناتو

( روپچند مرزاڻي )

اها به ايشور جي وڏي رحمت آهي جو درلڀ مانش ديهه ڏني اٿس. اهڙي درلڀ ديهه ڏاڍي مشڪل ۽ وڏن ڀاڳن ڪري ٿي پراپت ٿئي. اهڙي منش ديهه لاءِ ٿڌهن ته ديو ۽ ديوتائون به سڪندا آهن ۽ پاڙائيندا آهن ته اهڙي درلڀ ديهه شل اسان کي به ملي. ڪوي ڀلاڇ به هن سنڌر ديهي لاءِ ڏاڍن چيدن وچن ۾ ورنن ڪيو آهي ته -

ملي درلڀ مانش ديهي آهي -
جنهن ۾ ساڄ سڪن جا سڀ آهن.

1- هن ديهي لاءِ پيا ديو سڪن -
چڙهي سرڳ جا سک انسان ٻڌن -
ڪري چڙ تنا ڀاڳي ڀاڳ وڏن -
هي ديهي ته جهڙي تهڙي آهي.

2- هي هيرن لال جواهرن کان -
آهي مهانگي سڀ چنڊ تارن کان -
تون پڇ ته قدر قدر وارن کان -
هي قدر ان ڪل ڪهڙي آهي.

اهڙي سندر ديهہ جا 77 سال الائي ڪيئن
گذري ويا جو ڪو بہ پتو ڪونهي - مونکي هيءَ
الم ڏهي ملي پنهنجي پوءِ پوڄنيہ پتا جن
ديوان مولچند ڌرهيالي مل ميرڻاڻي جي دل جي
مراد ۽ پرم پوڄنيہ ستگرو صاحبن بابا سرو پداس
صاحبن جي آشيرواد سان ۽ ڏربار صاحب هالاڻي
جي شيرا ڪرڻ لاءِ - سو ڪيئن اهو انوکو پڙڻ جهڙو
احوال آهي- سنہ 1906-1907 جي ڳالهہ آهي- منهنجا
پتا صاحب ان وقت هالاڻي جي ڳوٺ ۾ هيڊ ماستر
ٿي آيا- اسان وينل تہ ٺارو شاهہ (ساهتيءَ) جا آهيون
پتا جن جي نوڪريءَ ڪري پئي بدلي ٿيندي هئي
پتا جن جي شادي ڪنڊياري مان ٿيل هئي. هالاڻي
جو ڳوٺ ڪنڊياري کان 6 ميل ۽ ٺاروشاهہ کان 16
ميل پري هو . ان ڪري پتا جن جڏهن هالاڻي بدلي
ٿي آيا تہ ٻارن کي ڪنڊياري ۾ رهائي پاڻ اڪيلا
هالاڻيءَ ۾ رهندا هوا - هر ڇنڇر آرتوار ڪنڊياري
اچي ٻارن جو واءُ سواءِ لهي ويندا هوا - ان وقت
ڪيس بہ نياڻيون هيون . پتر سنتان ڪو نہ هون -
نياڻيون بہ پنهنجي ناناڻن وٽ سکيون رهيون ۽ پتا
جن کي ڪابہ چنتا ڪانہ هئي - پتا جن کي دربار
صاحب هالاڻيءَ ۽ سنت سرو مٺي سرو پداس صاحبن
جي هاڪ تہ بڌل هئي - جڏهن هالاڻيءَ ۾ آيا تہ دربار

صاحب جي شيوا ۾ لڳي ويا - بابا سرو پداس صاحب
جي سنگت ڪيائون - پريم ۽ شرڌا رکي خوب شيوا
ڪندا هئا. ان وقت ٻه گديون دربار صاحب ۾ هيون
پهريون نمبر گدي، جنهن تي بابا سرو پداس صاحب
براجمان هورا. ٻيون نمبر گدي به هئي جنهن تي
براجمان هوا بابا هرپداس صاحب. پتا جن صبوح جو
امرت ويلي دربار صاحب ۾ نت نيم سان ويندا
هوا - ڪيرتن وغيره ٻڌي لاڀ وٺندا هوا. دربار
صاحب جو اهو نيم هو ته پوري 5 بجه ڪيرتن ۽
آسادي وار چالو ٿيندي هئي ۽ سڄ اڀرڻ کان اڳ
پوري ٿيندي هئي. پتا جن جو به اهو نت نيم ٿي
ويو. ڪيرتن جي پوري ٿيڻ بعد پتا جن بابا
سرو پداس صاحب جي ڪٽيا تي وڃي سندن درشن
ڪري آشيرواد وٺي پوءِ گهر ايندا هوا. بابا صاحب
کي خبر هئي ته پتا جن هيڊ ماستر ٿي آيا آهن.
انهن ڏينهن ۾ هيڊ ماستر به عملدار ڪري ليکبو هو
۽ الڪري عزت جو پاتر هو. انهيءَ درشٽيءَ سان سڀ
دربار صاحب ۾ پتا جن جي عزت رکندا هوا. بابا
سرو پداس صاحب ته چاڙي چاڙهار هوا. انهن کي
ٻڌو بي طرح معلوم ٿي ويو ته ماستر صاحب نت نيم
سان اچي ڪيرتن جو رس وٺندا آهن ۽ سندن درشن
ڪري آسيس وٺي پوءِ ڪم ڪار لاءِ ويندا آهن. بابا

سروپداس صاحبن جي مهر پتا جن تي ٿيندي وئي. جڏهن وقت ويو گذرندو تڏهن پتا جن جو صدق ۽ شرڌا ويا وڌندا. پتا جن به پنهنجو نت نيم تي اڏول رهيا. ڪڏهن به نيم نه ڇڏيائون. بابا سروپداس صاحب جو راز به پتا جن مٿان وڌندو ويو. اُن وقت پتا جن کي پٽر سنتان ڪانه هو. صرف ٻه نياڻيون هيون. سياوڪ سندن من ۾ اڇا ٿي ته سنتن جي شرڻ ۾ پئي اهڙي آشيرواد وٺجي جو پٽر سنتان ٿئي. ٻئي اڳيئي پئي هئي. فقط وقت اچڻ جي دير هئي. هڪ ڏينهن پتا جن جڏهن ڪيرتن مان ٿي بابا سروپداس صاحبن جي چرنن ۾ اچي ويٺا ته سنتن ڪلي ڪيڪاري حال احوال پڇين. پتا جن موقعو سٺو ڏسي بلڪل نمرتا ۽ نماڻائيءَ سان وينتي ڪئي. عرض ڪري چيائون ته سائين اوهان جي ڪرپا سان اولاد ته ٿيو آهي پر سڀ نياڻيون اٿم. گود خالي آهي. اها اندر ۾ ڀاونا اٿم ته سائين جن اهڙي مهر ڪن جو خالي گود ڀرجي پٽر سنتان ٿئي. اوهان جا ڀنڊار ڀريل آهي. اوهان جي دربار کو به سوالي خالي ڪونه ويو آهي. مونکي پڪ آهي ته خالي ڪين موٽائيندا ۽ منهنجي دل جي مراد به ضرور پوري ڪندا. اوهان جي گهر ۾ ڪاٻه ڪمي ڪونهي مونکي به جي پٽر سنتان ٿيو ته پهريون پٽڙو مان دربار کي ڏيندس. سنتن

ٻڌي ڏاڍو گد - گد ٿيا - سوامي سروپداس صاحبن
جي رحمت جاڳي الله رٺي الله رم ڪين وارون وار
نمسڪار ڪيائون - يڪدم سنتن جي چرنن ۾ اچي حاضر
ٿيا - سيس نوائي ڪين پتا جن چيو تہ اوهان صاحبن
جي مهر ميا سان جهولي ڀري آهي - بالڪ جو جنم
ٿيو آهي - اها امانت توهانجي آهي - بالڪ دربار
صاحب جو ٿيو - ڪرپا ڪري نالو صاحبن مان ڪڍي
رکو - پنهنجي امانت اڳتي پاڻ پيا سنڀاليو - پوءِ
برهمڻ جي ڳالهہ تي بالڪ جا گره ڪهڙا نہ ڳرا آهن
سموري ڳالهہ ڪري ٻڌايائون - سنتن سموري حقيقت
ٻڌي- گرو گرنٿ صاحب مان نالو ڪڍيائون جو "رو"
اکر تي نڪتو- پاڻ نالو رکيائون روپو- پتا جن
سنتن جي چرنن ۾ سيس نرايو. بالڪ جو نالو روپو
ورتائجي ويو - سڪول ۾، چاهي نوڪريءَ ۾ بہ
اهو ئي نالو لکايو ويو. اڄ ڏينهن تائين اهو ئي نالو
ورتائجي رهيو آهي- ان ڪري بالڪ جي چٺي
وغيره بہ ڪرنہ ڪئي ويئي - سنتن جي وچن انوسار
سنسار جو سفر 15 مارچ 1908 کان منهنجو شروع ٿيو
اهو ڏينهن مون لاءِ سڀاڳو آهي جو هيءُ درلڀ
مانش ديهہ ملي - غيب جي گدو ڇڙي خبر هڪ خانوده
ڪي. پرالبڌ تہ جنم وٺڻ وقت ئي ٺهي چڪي هئي-
پريوءَ کي پاڻ جو سنڌ ر موقعو مليو - چوراسي لک

جو ليون ڪائي مدش ديهه پراپت ٿي - اڄ ٽائين ته
سڀ وقت وئرت گذري ويو - عمر جا 77 سال
پورا ٿي ويا آهن - پر اڃان پريوءَ ڪي پاڻ جي رمز
ڪونہ هٿ آئي آهي - اڃان ته ڏهہ ئي ڏوڪڙ لسا
آهن - پريتم پاڻ جو پدن به اهڙو سٺائو ڪونهي - وري
به شڪر آهي جو دربار صاحب هالا ٽيءَ ۽ الي جي
سنتن جو سنگ نصيب ۾ لکيل هو - اهو مليو ويو - انهن
۾ وشواس ۽ صدق ٿي ويو - انهن سنتن جي به مهر
ميا ٿي ويئي - پاڻ ڏي به ڇڪيندا رهيا - انهن جي
رحمت اڄ تائين داس تي قائم آهي - ان زور تي
سنسار ساگر جو سفر هيل تائين سکيو سهنجو گذريو
آهي - ڪو به ڏکيو ڏينهن نه ڏيکاريو اٿن - مطلب ته
هر طرح داس جي رکيا ڪندا آيا آهن ۽ هر طـــرح
سکيو رکيو اٿن - ٻن سالن گذرڻ بعد ماتا صاحب
وري گرڀرنتي ٿي - ان عرضي اندر پتا جن جي
بدلي هالا ٽيءَ مان ٿي ويئي - دليپوٽن جي ڳوٺ
الي سڪول جا هيڊ ماستر ٿي ويا - جيئن ته الان
اچڻ وڃڻ جي سهوليت هئي تنهن ڪري ٻارن کي
ٽارو شاه ۾ ئي رهايائون - پاڻ هر هفتي ڇنڇر آچر
تي اچي ٻارن سان گڏ رهندا هئا. پتا جن کي هاڻ
پڪ هئي ته ٻيو به پٽ ئي ڄمندو ۽ سوامي سروپداس
صاحبن وٽ ڪيل ارداس اگهائجي ويندي. ٿيو به

اٿين - مان اڳائي ساڻن جو هوس مونکي ڀيو پاڻڙو مليو ۽ جوڙا ميڙا ٿيا هين. گهر ۾ ڏاڍيون خوشيون ملهايون ويون. سڀني جي اپار ڪرپا ۽ رحمت سان خاندان وڪه اچي وڌائي - مان پهريون پٽ هوس ان ڪري سياڻڪ مونتي سڀني جو پيار هو اڳائي سال لاڏ ڪوڏ سان پليس - منهنجي پڦي ابڙاڻ ۾ پرڻيل هئي اها مونکي ڏاڍو پيار ڪندي هئي ۽ ڪڪه پيو نه سهندي هئي. منهنجو به ان سان بيحد پيار ٿي ويو اٿرو ته مان هن سان هري مري ويس جو اڃان ساڍي 3 سالن جو مس هوس ته مونکي پاڻ سان ابڙاڻ وٺي وئي.

# پتا جن جو ديهانت

اڃان 6 مهنا ابڙاڻ مس رهيس ته سنه 1912 ۾ پتا جن جي تندرستي ڍلي ٿي وئي - دم جي بيماري ته اڳ ۾ ئي هئن - اها ڏن ٻه ڏن وئي وڌندي - ڪيئن پرون پڇي ويا ته هن نگريءَ بيماريءَ مان ڇٽڻ محال آهي - اها ات سمي اڄڻ جي ڇتائي آهي - ان خيال ايندي يڪدم موڪل وٺي پنهنجي حياتيءَ جا باقي ڏينهن پڇاڙيءَ جا اچي پنهنجن ٻارن سان گذارياڻن - موڪل وٺي

ٺاروشاهه اچي رهيا. دليپور مان پٽ سيٺي سان موڪلائي چوڪلائي چئي آيا ته دم تي ڀروسو ناهي ايشور کي ڀلائي چئي وٺي. وري نوڪريءَ تي واپس وران ٿيا ته سو چئي نٿو سگهجي. وري جيءَ جنمدن جا ميلا. جي دليپور جو اچان داڻو پاڻي رهيل هوندو ته اچي ڪاٺبو. جنهن تي ٺاروشاهه ٻڌايو ته بيماريءَ ٻـ زور پڪڙيو. علاج لاءِ ڪين ڇڏيو ويو پر جن فرمايو ته وقت پورو آيو آهي. آخرين سمو اچي ويجهو پهتو آهي. انڪري مونکي سٺين ڦڪين ۽ دوائن ڪاڻ لاءِ زور نه ڪريو. باقي هفتي کن جو مهمان آهيان. اهڙو چئي وري سيٺي کي پٽي دلداري ڏني چيائون ته سرير ته نيٺ اڳي پوءِ ڇڏڻو آهي. سنسار مان هڪ ڏينهن لڏڻو ئي آهي. ايشوري اشارا ٿيا ٿا اچن. پر مان اوهانکي هڪ ڏينهن اڳ ٻڌائيندس ۽ اوچتو نه ويندس. برابر 6 ڏينهن گذريا ته سيٺي کي ٻڌايائون ته هاڻي منهنجي تياري آ. وڏڙهي جي سيٺي وڏڙن ۽ ڀائرن کي گهر ۾ گهرائي ٻڌايائون. منهنجي وڏي ڀاءِ سيٺ سنتداس کي گهرايائون. اسان جي وڏڙهي ۾ وڏي ۾ وڏ هو پاپا هزاريمل. اهو به آيو. پوءِ منهنجي ماتا کي سڏي چيائون ته ڪپٽ ۾ پنديون رکيون آهن سي سڀ ڪڍي اچ. پنديون سڀ پاپا هزاريمل کي ڏيکاري سڀ ليکو چوکو سمجهائي چيائون

ته هاڻي منهنجي وڃڻ جي تياري آهي. پراڻه ڪال
جو سمو ٿيندو ته هيءَ سنسار ڇڏي ويندس. اهو
شام جو وقت هو. ان رات لعل ڪنهن کي به ڪونه
آئي. پٽا جن رات جي رسوئي توري ڪائي جلد ئي
آرامي ٿيا. ڪين ننڊ اچي ويئي. رات جي پوئين پهر
سجاڳ ٿيا. منهنجي ماتا صاحب کي گهرائي ڪيس چيائون
ته هاڻ منهنجي تياري آ. تون دل نه لاهجانءِ. سڀيو
ته هڪ ڏينهن نيٺ ڇڏڻو آهي. اڪيلا آيا اڪيلا
گيا. ڪو به گڏ ڪونه هلندو. صرف نام جو آڌار آ
اهوئي انگ سنگ هلندو ائين ڳالهائيندي ٻولهائيندي
هڪ ٻه هڏڪي آين. پل ۾ پڪي پڃري مان پرواز
ڪري ويو. جهڙن جل ۾ جل آهي ڪانسا ٽڻن جوتي
سنگ جوت سماتا. پٽا جن جي جوت به سچيءَ جوت
سان ملي ويئي. گهر ۾ رودن مچي ويو. سمو انبرت
ويلا! شانتي لڳي پيئي هئي. روئڻ پٽڻ جي آواز
تي سڀي ويڙهي جا ماڻهو سجاڳ ٿيا. ننڍا، وڏا،
مرد، زالون ۽ ٻار سڀ اچي ڪٺا ٿيا. ڪنهن ياري به
قاصد ويو جتان ناني صاحب يڪدم اچي پهتي.
اهڙي طرح پٽا جن جا سوانس سڪالا ٿيا. ٻيان ڪنهن
به سر يرڪ دڪ يا پيڙا جي وچي پريرءَ جي چرڻن
۾ پهتا. پڇاڙيءَ جو سڀني مان موه ڪڍي ڇڏيائون
مان ان وقت ايڙاڻ پٽيءَ وٽ رهيل هوس. ڪيترو

نہ سکي سکي سنتن کان پنھنجي پنھنجي موڪلي ورتائون پر انھن نہ چاھيو تہ پلا روئي کي بہ گھرايو - ڇھن ڏينھن ۾ اصل جڻ سپني کي وساري ڇڏيائون ۽ پريوءَ جي گود ۾ وڃڻ جي خوشيءَ ۾ اندر ئي اندر آنند ۾ رھيا - آھڙا سواس سڪالا شل ايشور سڀ جا ڪري - موڪلي ڏکہ فقط ھڪ ڳالھ جو ٿيو جو پتا جن کي انت ۾ ڪلھو بہ نہ ڏئي سگھيس. عجب رنگ آھن پريوءَ جا وقت گذرندي ويرم ئي ڪانہ ٿي - ڏھہ ڏينھن جھٽ گذري ويا - ٻارھين جو ڪم شروع ٿيو ۽ پوڄا ٿي - ان ئي رات اوچتو ناني صاحب کي پتا جن خواب ۾ درشن ڏنو - بنھي جي وچ ۾ ھينئيون واتاورڻ خواب ۾ ٿيو -

ناني صاحب - روئي پيءُ ھي ترھان ڇا ڪيو - لکڙي
تياري ڪري ويا ھلما - ٻچڙا ننڍا ڇڏي
ويا اڪيوري ڪنھن کي ٻچڙن جي
پارت ڪري ويا -

پتا جن - پوءِ پريوءَ جو پروانو آيو سو ڇمن لئي رکي
سندس گود ۾ پھتو آھيان ٻچڙن جو راکو
(آڱر سان مٿي اشارو ڪري) چيائون تہ
پريو اچي پاڻ ٿيندو -

ناني صاحب - انھن ننڍا ٻار ڇڏي وڃڻ نہ کپندو ھو
اوھان کي!

پنا جن - اهو ته نهيو پر مان روپــي ماڻ کــان سواءِ اڪيلو تو پاڻ کي سمجهان - انڪري ڪمس به ونڻ آيو آهيان!

ايترو چئي بس ڪمائون ته نانءِ صاحب جي اکم کلي پئي - سپني واري ڳالهه دل تان لهيس ئي نه - صبوح جو جڏهن سڀ اٿيا ته سڀني کي وهاري سپني واري سموري ڳــالهه ڪري ٻڌايائين - اڳي ائين چوندا هوا ته هاڻي به اجا چرڻ ۾ ايندو آهي ته سپني جي ڳالهه جي ٻڌائي چڏبي آ ته سچي ڪانه ٿيندي پر ائين نه ٿيو- رنگيءَ جا رنگ نيارا آهن- ان ڏينهن صبوح جو ٻارهي جو ڪريا ڪرم ٿيڻو هو-

# مانا صاحب جو ديهانت

ٻارهي جو ڪريا ڪرم پورو ٿيو- برهمڻ کـي کارايو ويو- ٻنهجن ونڙهي ۾ رهندڙ سڀــي پاڙن نيڏڙن لوڙي وڏن جو به عام ڀنڊارو ڪرايو ويو- مانا صاحب اهو سمورو ڪارج پاڻ پئي ڪرايو- هر طرح نيڪ هئي - جڏن ئي رات جي رسوئي ڪري آرامي ٿي ته بخار بدن ۾ سمجهائين - سپنــي واري ڳالهه ته سڀني کان وسري ويئي - بخار سچي رات

هليو- سڄي رات بي آراميءَ ۾ گذاريس- ناني صاحب حڪمت جو ڪم ڄاڻندي هئي- ان گهڙي ٿي حيلو هلايو. پر بخار ويو تيز ٿيندو- ٻئي ڏينهن به بخار هليو ۽ گهٽ نه ٿيو- چوڏهين ڏينهن ته بخار اُترو وڌيل هو جو جڙ ٻڌي ٿي پري - پندرهين ڏينهن ماما صاحب جي حالت بلڪل خراب ٿي ويئي- ڳالهائڻ اوچتو بند ٿي ويو ۽ زبان لڳي ويئي ڊاڪٽر گهرايو ويو- ڊاڪٽر چيو ته حالت اهڙي آهي جو بچڻ محال اٿس. جيڪو به دان پن ڪرائڻو هجيو ته اهو ڪرايوس- ان وقت ناني صاحب کي اها سڀني واري ڳالهه ٺري آئي دل ۾- هاڻ پڪ ٿيس ته برابر روانو پيءُ وڃڻ آيو اٿس ۽ ان سان ٻئي روح رهائيون ڪري- خير ڊاڪٽر ته اٿين چئي روانو ٿيو- ڊاڪٽر جي وڃڻ بعد يڪدم ماما صاحب جي حالت بگڙي ۽ اکيون ڦرڙائي ڇڏيائين. ناني صاحب نبض جهلي ويٺي هئي. اکين ڦرڙائڻ کان پوءِ يڪدم نبض ويهي ويئي- ماما صاحب جو ميلو به وڃي پنهنجي پران پتيءَ سان ٿيو- سڀ پيا عجب کائين ته عمر ۾ اهڙو مثال ڪونه ڏٺو يا ٻڌو آهي- سڀني کي جدائيءَ جو داغ ڏيئي ويئي- ان وقت ٻاقي اسان چار ٻار گهر ۾ هئاسين- ٻه ڀينر هڪ 12 ورهين جي ۽ ٻي 7 ورهين جي. 2 ڀائر هڪ مان 4 ورهين جو ۽ ٻيو

نهال ڏيڍ سال جو. اهڙيءَ طرح جيڪو ماتا صاحب
جو شيوا ڪرڻ جو آسرو هو سو به ويندو رهيو - مان
اڪيلو ٿي رهجي ويس - اڪيلو ان ڪري جو ماتا پتا
جي شيوا هٿ نه آئي - پرڀوءَ جو حڪم ائين بڻجي
آيو - شڪر آهي جو وري به ماتا صاحب کي ڪلهو
ڏيئي اماڻي سگهيس - ماتا صاحب جي ديهانت کان
پوءِ نانو صاحب به آيل هو - ٻارهين گذرڻ کان پوءِ
بابا هزاريمل منهنجي چاچي ۽ ناني صاحب کي بنديون
۽ ڪاغذ پٽ ڏيکاريا - بابا هزاريمل کليو انهن سان
ڳالهايو ۽ چيو ته ليکي اها آهي ته پهرين پاءِ پوءِ
ناناڻا، لڳي پٽي اسين - منهنجي چاچي سنتداس کان
پهريون پڇيائين منهنجي وڏي پيءُ کي به گهرائي
وهاريو هوائون منهنجي چاچي يڪدم چيو ته مان
ٻارن جي ديکه بال ڪرڻ لاءِ تيار آهيان - پر منهنجي
سر ساڻ آهن - پاڻي جي چاهين ته اسان سان گڏ رهن
بابي هزاريمل ۽ ناني صاحب کي به اهو وڻيو ۽ انهن
اهو قبول ڪيو - باقي گڏ رهڻ لاءِ منهنجي پيءُ ڏانهن
نهاري پڇيو ته جي ڪر ديک بال ڪرڻ تنهنجي
چاچي قبول ڪيو آهي - باقي گڏ رهڻ يا نه رهڻ
اهو اوهان جي مرضيءَ موجب فيصلو ڪيو - منهنجي
پيءُ کي اکين مان پاڻي اچي ويو ۽ رڙهارڪو منهن
ڪري چيو ته ماتا پتا جي چانئٺ ڇڏي، گهر بند

ڪرڻ لئي ٿي دل نه آهي- اسين 4 رهندا ڪندا اسين پنهنجي گهر ۾ اباڻي جهڳي ۾- اسان کي مهيني جو خرچ ٻڌي ڏيو ان مان اسين پورائو ڪندا اسين صرف رات جو گهر اڪيلا ڪونه سمهندا اسين. اهڙا ڳالهه سيٺي کي وڻي- پوءِ خرچ مهيني جو ٻڌي فيصلو ڪيائون جو منهنجي چاچي صاحب هر مهيني ڏيڻ قبول ڪيو. ان طرح سان اسين چارئي ڄڻا پنهنجي گهر ۾ ڏينهن سڄو گذار ڻيندا هوا اسين- اسان کي ناناڻن وٽان به چڱي مدد ملندي هئي. سنه 1913 ۾ منهنجا 5 سال پورا ٿيا- مونکي سڪول ۾ ويهاريو ويو- ان وقت سنڌي ۽ انگريزي سڪول هڪ ئي حاطي اندر هوا چار سال سنڌي وديا پڙهايم- چوٿون درجو پاس ڪري پوءِ انگريزيءَ ۾ آيس- انهن ڏينهن ۾ صرف 5 درجا انگريزي پاڙهيا ويندا هوا ۽ هاءِ سڪول اڃان نه ٿيو هو.

## پهرين مهاڀاري لڙائي

سنه 1914 ۾ پهرين مهاڀاري لڙائي شروع ٿي- اها انگريزن ۽ جرمن وچ ۾ يورپ کنڊ ۾ چالو ٿي- اسان کي سڪول ۾ انگريزن جي سوڀ جا گيت ڳارائيندا هوا. ان جنگ لڳڻ ڪري هر هنڌ ڏاڍ و هراس ڦهليل

هو- انهن کي ياد اٿم ته ٻڌپ ڏيندا هوا ته اڃهو تـــو
جرمن ڪاهي اچي - سنه 1918 ۾ لڙائي پوري ٿي -
جرمنيءَ جي بري هار ٿي - پوءِ سيٺي سک جـــو
ساهه کنيو - ان وقت مان پهريون درجو انگريزي
پڙهندو هوس - منهنجي وڏي ڀيڻ لاءِ مٽي مائٽيءَ
جون ڳالهيون پئي هليون نوشهري ۾ هڪ گهر جاچيو
هوائون آکهه کشائي - ڇوڪرو سيٺي کي وڻيو -
آکهه به سٺي هئي - اٿي پڪ ڏنائون - اڃان مهينو
مس گذريو ته ڇوڪري گهر ڇڏي وڃي سنياس اختيار
ڪيو - اهو ٻڌي چاچو صاحب نوشهري چڙهي ويو-
ڇوڪري جي مائٽن سان مليو - ڳالهه ٻولهه ٿي - آخر
انهن فيصلو ٿيو ته رشتو ٽوڙيو وڃي - پتا جن جي
بدلي هالائي مان جٽن ٿي ته دربار صاحب هالائيءَ
۾ سنتن سان ناتو فقط دل ۾ رهيو - نڪر اچڻ نڪر
وڃڻ ٿيو - منهنجي بـــاري ۾ ڪڏهن انهن
چوندا هوا ته دربار صاحب کي ڏنل آهيان ۽ جڏهن
وقت آيو ته موڪيا ڏئي آزاد ڪرائي ايندا- منهنجو ن
ڀينر پئي شاديءَ لائق ٿيون - مائٽيون جاچڻ جـــو
ڪم چالو رهيو - مان بـــ، پهريون درجو پاس ڪيو -
جلد ئي ننهي ڀينرن جو مڱڻو پڪو ٿيو - وڏيءَ ڀيڻ
جو ڀلائيءَ ۾ - راو ٽائي آکهه هئي ديوان ٽيرٿداس
اور سيٺ سيٺ ڏيپچند جي سپتر سان - ننڍيءَ ڀيڻ

ڄوڙي هالائيءَ ۾ ديوان انندرام نيڻومل وٽ وياٺي
سان - ان کان اڳ منهنجو سوٽ آسنداس مٿراڻي
پوسٽ آفيس ۾ نوڪري ڪندو هو. ان جي بدلي
شڪارپور ۾ ٿي - تنهن شادي ڪئي هئس - ٻارن
ٻچن کي ٻاڻ سان وٺي وڃڻ جو فيصلو ڪيو هوائين -
هڪ ٻار ٻـــ گهر ۾ رهائڻ ٻـروٽي سمجهائين - سو
مونکي به وٺي ويو - مان پهو ڏر جهر وڃي شڪارپور
۾ پڙهيس - اهو پاس ڪيم ته وري ديوان آسنداس
کي حيدرآباد سنڌ بدلي ڪيائون - مان به حيدرآباد
(سنڌ) آيس - نيون ڏرجو اين. ايچ. اڪيڊميءَ ۾
۾ پڙهيس - اسان جي جاءِ به سڪول پرسان پوهو ڪياٺيءَ
جي جاين ۾ ورتل هئي - منهنجو سوٽ بابا صاحب
هزاريمل جو پٽ واسومل ان وقت ڊاڪٽريءَ جـــي
ڪاليج ۾ پڙهندو هو - ديوان انندرام به ائي سب رجسٽرار
جي ڪورس جي ٽريننگ ۾ هـــو - ديوان ليرتداس
ماليءَ ۾ سروير هو جو موڪل وٺي، واسومل ۽ انندرام
سان گڏ جڻ آيو - ڪيس اسان جي خبر پئجي ويئي
هئي - هڪ ڏينهن پئي چٽا مونکي ڏسڻ واسطي اسان
جي گهر جي هيٺان اچي بيٺا - مونکي هيٺ گهرايائون
۽ گهڻو پيار ڏنائون - حال احوال ورتائون منهنجن
ٻيڻين جي شادي نه مڱڻي کان پوءِ جلد ٿي ٿي هئي -
شاديءَ کان پوءِ مونکي ڏنڊ ٿي ڪرڻ هرائون -

منهنجو ننڍو ڀاءُ ته ٽاروشاهه ۾ هندو هو ۽ اُتي ئي
پڙهيو- مون ٽيون درجو پاس ڪيو ته وري
آسنداس جي بدلي ٿي- اُتي پڙهڻ جي به سهوليت
ڪانه هئي- ان ڪري مان چوٿون درجو انگريزي
اچي ٽاروشاهه پڙهيس - پڙهڻ جو چڱو هوس-
ٽئين درجي ۾ چوٿون نمبر آيو هوس ان ڪري
مونکي ٽاروشاهه ۾ داخلا ملي وئي- سڪول جي
ڦرين گهرين جي ڪري منهنجي پڙهائيءَ تي به اثر
ٿيو- ٽاروشاهه جي سڪول ۾ پڙهائي به ڦريل هئي
جنهن ڪري پڙهڻ ۾ گهٽ هوس- سنه 1920
۾ منهنجو وڏو ڀيٽريئو ديوان ٽيرٿداس بيمار ٿي
ڀلاڙيءَ مرڪل وٺي آيو- ڊاڪٽر ۽ حڪيمن جو
جو رايو هو ته سلهه (T.B.) اٿس- اهڙيءَ بيماريءَ
۾ ٻين کان الڳ ڪري رهائبو هو- ديوان ٽيرٿداس
کي به الڳ جاءِ اوطاق واريءَ ۾ رهايو هوائون-
علاج چالو ڪيو ويو پر ڪو فائدو ڪونه پيو- مونکي
به ڀلاڙي شيرا لاءِ گهرايو ويو- چوٿين درجي جا
ٻويان مهينا اچي ڀلاڙي پڙهيس- اُتي به پڙهائي
ڦريل. جنهن ڪري مان ناپاس ٿيس- سال اجايو
ويو- مونکي ان وقت ٿورو راڳ ايندو هو- ٽاروشاهه
اچڻ سان مان ماسٽر لوڪومل هيڊماسٽر صاحب ۽
چانڊوءَ نالي شاگرد جي سنگ ۾ ٿورو ڳائڻ سکيو

هوس - اهو چاندو ٻوءِ وڏي هوندي سنڌ جو
مشهور ڪلاڪار ۽ سنگيت آچاريه ٿيو - نالو ٻه چاندوءَ
مان ڦيري چندر رکيائين ۽ ماسٽر چندر جي نالي
سان هند سنڌ ۾ واڄٽ وڃائي ڇڏيائين - مونکي
ٿورا ٻچن ياد هوا اهي روز ديوان ٽيرٿداس ڪي
ڳائي وڪڙ رائيندو هوس - اُن کي اهڙو ته ٻچن وڻندا
هوا جو چيائين ته روز صبوح جو اچي اهي ڳائي
ٻڌاءِ - جلد ئي ان سال هو پرلوڪ پڌاريو - سنسار
جو سفر پورو ڪري ويو - ان ڪري منهنجي وڏي
ڀيڻ جلد ئي ودوا ٻڻجي ويئي - هڪ پٽ و سال ڏيڍ
جو فقط هوس - نياڻي به ڄائي هئس پر اها به جلد ئي
گذاري ويئي - ڀيڻ جي اهڙي ٻاري دک ڪري
سياويڪ مونکي پڻ ڏاڍو دک ٿيو - ٽڪنڊير لائين
ٻڌيل هئي - مان چاٽي ڪري سگهيس - ٻنهي ڀيڻ ۽
ٻاڻ کي دک لڳيل هو - ٻاڳ قتل هو - ڀيڻ ودواپڻي ۾
۽ مان ناپاس ٿيس - مان جيترو عرصو ٻهلاٽيءَ ۾
رهيس ته هفتي ۾ هڪ دفعو منهنجي ڀيڻ دربار
صاحب هالاٽيءَ ۾ هلندي هئي - مان به ان سان گڏ
ويندو هوس - دربار صاحب سان هن گهر جو گهاٽو
سنٻنڌ هو - سنڌس سڳو ڏير گديءَ نمبر 2 جو مالڪ
ٿي گذريو هو - ديوان ٽيرٿداس جي شاديءَ کان اڳ
ٿورو وقت ٿيو هو ته نرواڻ پد کي پراپت ٿيو هو -

اها گادي پوءِ خالي رهندي آئي - اهڙيءَ طرح
منهنجي حياتيءَ جو ٻيو ورق شروع ٿيو - وري
دربار صاحب هالاڻيءَ ۾ اچڻ وڃڻ چالو ٿيو - بابا
سروپداس صاحب ان وقت گديءَ تي براجمان هوا -
انهن جو ساڪيات درشن ڪري آنند پرابر - مونکي
انهن درويشن جو درشن ٿيو جن جي آشيرواد سان هي
درليڀ مانش چولو پراپت ٿيو - منهنجا ته مالڪ ئي
پاڻ هوا ۽ مان سندن ئي ٻالڪ هوس جڏهن پتا صاحب
وچن ڏنو هو ته مان دربار صاحب جو ئي آهيان -
مون چوٿون درجو وري وڃي نواب شاهه ۾ پڙهيو -
اتي ديوان انندرام سب رجسٽرار ٿي آيو هو . اتان
چوٿون درجو پاس ڪيم ته وري آسنداس نوشهري
پوسٽ ماسٽر ٿي آيو - مونکي گهرائي پنجون درجو
انگريزي مدرسي ۾ نوشهري پڙهيس - پنجون درجو
پاس ڪيم ته سندس بدلي نوشهري مان ٿي ويئي -
ان وچ ۾ ناروشاهه ۾ هاءِ سڪول ٿي ويو - مون 6 ۽ 7
درجو ناروشاهه ۾ ئي پڙهيو - ٻئي ڀائر اتي پڙهندا
هواسين . جيترو وقت ناروشاهه ۾ گڏ پڙهياسين ته
جڏهن سڪول وئڪيشن ڪري بند ٿيندو هو
ته اسين ٻئي ڀائر ڪند ياري ناناڻن ۾ ۽ ڀلاڻيءَ
وڏيءَ پيڻ وٽ وڃي گذاريندا هواسين - هر سال
ٻه دفعا ويندا هواسين - ڀلاڻيءَ وڃڻ لاءِ رستو وچ

مان دربار صاحب ھالائيءَ مان ھوان ڪري ٻھراڻن لاءِ درشن ديدار ڪري ٻئي ڀلائيءَ ويندا ھواسين. بابا سرو پداس صاحب پنھنجي ڪٽيا ۾ رھندا ھوا - الي پڻ دربار صاحب ۾ مٿي وڃڻ لاءِ ڏاڪڻ ھئي - مولڪي اھو ڏسي عجب لڳو تہ ڪٽيا بابا جن جي بلڪل ڪچي ٺھيل ھئي - ڪو بہ ٺاٺ اندر توڙي ٻاھر ڪونہ ھو - پر دربار صاحب بلڪل پڪيءَ سنڌر ٺھيل ھئي - اندر سنگمرمر جو تخت گرو صاحبن لاءِ ٺھيل ھو جتي چار سوارڙن گرو صاحبن جون رکيل ھيون - سڄو فرش بہ ٽائيلس سان سينگاريل ھو. بہ پرڪرمائون بہ پڪيون سنڌر ٺھيل ھيون - اسان ٻئي ڀائر سنتن جي درشن لاءِ ڪٽيا ۾ گھڙياسين بابا صاحب الدرپت ڪي آسڻ تي ويٺل ھوا - اسان سنتن جي چرڻن تي وڃي جھڪي متو ٽيڪيندا ھواسين - سنت اسان ٻنھي کي آشيرواد ڏيئي پڇندا ھوا تہ ڪالر ڇا اٿو - ڪٿان آيا آھيو - ڪاڏي ٿا وڃو - مان نمرتا سان سنتن کي جواب ۾ ٻڌائيندو ھوس تہ اسين ٻئي ڀائر آھيون - منھنجو نالو روپو ۽ ھنجو لھال آھي - ٿارو شاھ مان آيا آھيون ۽ ڀلائي پيرڻ وڃ ويندا سين - سنت پڪڙ ۾ مشڪندا ر چھري سان چوندا ھوا تہ دربار صاحب ۾ متو ٽيڪي ، مائي ھواريءَ جاءِ تي لڪري کائي پاڻي پي پوءِ پاسي

ڀلائي وڃجو- اسان پوءِ سنتن کي مٿو ٽيڪي آشيرواد
پائي موڪلائي دربار صاحب جو درشن ڪري
مائيءَ جي جاءِ تي ٽڪري ڪائي پاڻي پي ٽاڙا طواتا
تي ڀلائي ويندا هئاسين - پنڌ اڇڻ جو تڪ تي
سڄو لهي ويندو هو- اڄهو اٺين منزلون ڪندا اچي
ڀلائيءَ پيءُ وٽ پهچندا هواسين - پيءُ جو پيار بہ
انوکو هو- ڪهڙي ڳالهہ ڪجي - اسان کي وري
بہ پيءُ دربار صاحب ڏي وٺي سنتن وٽ هلندي
هئي- اهڙيءَ طرح سال بہ سال ۾ دفعا ايندا هواسين
اسان کي سنتن وٽ وٺي هلي اسان جي پيءُ انهن
کي چوندي هئي تہ سائين هي ٻئي ٻالڪ اوهان جا
ڏنل آهن - ماتا پتا نندڙيءَ ڇڏي ويا اٿن هاڻي
ٻئي اڪيلا چاچي وٽ رهندا آهن ۽ پڙهندا آهن -
هنن تي مهر پريو هٿڙو گهمائي آسيس ڪيو. سنت
بہ هر دفعي منهنجي پيءُ جي وينتي ٻڌي فرمائيندا
هوا تہ مائي تون ڪا بہ چنتا هنن جي نہ ڪر- هي
ٻئي سيني کان سکيا رهندا ۽ خوش گذاريندا- جيترا
پيرا وٺي هلندي هئي تہ اهائي ارداس سنتن کي
ڪندي هئي - بابا جن بہ هر دفعي اهو ساڳيو ئي
جواب ڏهرائيندا هوا- مطلب تہ جنس شاهہ صاحب
چيو آهي تہ منهنجو ڪم واڪا - پر ٻڌڻ ڪم پروچ
جو- اسان جي پيءُ بہ سنتن اڳيان پاڏائيندي رهي-

سندس اها ارداس قبول پئي - اسان ٻنهي ڀائرن جو وقت اڄ ڏينهن تائين انهيءَ آشيرواد سان هر طرح سکيو ستابو گذريو آهي - ڪو به ڏکيو ڏينهن نه ڏٺو آهي - سڪول ۾ پڻ 6 ۽ 7 درجي پڙهڻ وقت هيٺين اُستادن جو پيار حاصل ٿيو جو اڄ تائين نٿو وسري - (1) هيڊ ماستر صاحب شريمان لوڪومل ڪارڙا (2) مسٽر ايسرداس رائسنگاڻي (3) مسٽر آتمارام ٿهلياڻي - 7 درجي ۾ مان 4 نمبر آيس ۽ فرسٽ ڪلاس مارڪون ڪيم - سڀاويڪ ماسترن جو پيار به وڌيو - منهنجي پڙهائيءَ ڏي به گهڻو ڌيان رکندا هوا - پر اوچتو منهنجي چاچي مونکي چيو ته مئٽرڪ جو خرچ گهڻو آهي ان ڪري وڌيڪ پڙهڻ ڇڏي ڪا نوڪري ڪر - سڪول کلي ته نالو ڪٽائي سرٽيفڪيٽ وٺي اچ - مونکي آئينده ڪجهه اونداهو نظر آيو - پر بابا سروپداس صاحب جي آشيرواد جا وچن ياد آيم - دل ۾ پڪ هئم ته اهي وچن ضرور پنهنجو ڪم ڪندا - سڪول کليو - مان هيڊ ماستر صاحب کي سموري ڳالهه ٻڌائي - مون چيو ته مونکي سرٽيفڪيٽ ڪڍي ڏيو - منهنجا مائٽ چون ٿا ته ڪا نوڪري وڃي ڪر - هيڊ ماستر کي منهنجي گهر ۽ مالي حالتن جي ٻخوبي ڄاڻ هئي - منهنجي پتا جن جو به ساڻس دوستاڻو ناتو هو - مونکي


ڇپائين ته ڪو به خيال نه ڪر - مئٽرڪ تو کي ضرور پاڙهڻي - جي تنهنجا مائٽ ان جي خرچ ڪرڻ ۾ سمرٿ نه آهن ته اسين تو کي سڀ ڪنهن قسم جو خرچ ان لاءِ ڏيڻ لاءِ تيار آهيون - تنهنجي في معاف ڪئي ويندي - ڪتابن جو به خرچ سڪول ڀريندو - باقي ڪاڌ خوراڪ ۽ لٽي ڪپڙي جو بہ تنهنجو بندوبست اسان ڪنداسين - تون وڃي پنهنجي مائٽن کي ٻڌاءِ - پوءِ تون اچي هٽ بورڊنگ ۾ رهه - منهنجي چاچي کي اها سموري حقيقت ٻڌي دل ۾ احساس ٿيو ته جي ائين ڪيو ته سڄو ڪيو سڌن ڪار ۾ ويندو ۽ ماڻهن ۾ به ڀڄر ٿيندي - اهو فيصلو ٿيو ته جي سڪول فيءَ ۽ ڪتابن جو خرچ ڪرڻ لاءِ تيار آهي ته پوءِ باقي رهڻ ڪرڻ لاءِ ڇڻ هٽ رهيو پيو آهين تڏهن پاڻ رهي مئٽرڪ پڙهه - مون وڃي هيڊ ماستر صاحب سان ڳالهه ڪئي - تنهن ڪتابن جو بندوبست ڪري گهربل ڪتاب وٺي ڏنا ۽ في به معاف ڪيائين - اهڙيءَ طرح اها ڪٺنائي دور ٿي ۽ مان مئٽرڪ پڙهڻ چالو رکي - اهو سڀ سائين سروپداس صاحب جي وچن جو اثر ٿيو - ان ڏينهن ۾ مئٽرڪ جي امتحان لاءِ ڪراچيءَ وڃڻو پوندو هو - وري به ساڳيو خرچ پکي جو سوال پيدا ٿيو - پر ان لاءِ ايتري پريشاني نه ٿي - منهنجي مامي

اهو خرچ سڀ ٻاڻ تي همواريو - مونکي لکيائين
امتحان کان مهنو کن اڳ اچ - اچي هت رهي محنت
ڪري مئٽرڪ پاس ڪر - مٿين ڳالهين ڪري منهنجو
به حوصلو وڌيو - پڙهڻ ۾ رچي لڳي ويس - مان
امتحان کان مهنو اڳ اچي ڪراچيءَ ۾ مسٽر منگترام
جي اوطاق ۾ رهيس - اها اوطاق گاڏي کاتي ۾
ناميارى هئي - سنه 1926 ۾ مارچ مهني ۾ امتحان
ڏيئي واندو ٿيس - پاس ٿيڻ جي اُميد دل ۾ چڱي
هئي جو پيپر سٺا ڪيا هئم - پر منهنجي مٽن مائٽن
کي اُميد ذرا گهٽ هئي - ليڪن مئي مهني سنه 1926
اهو سياڻو ڏينهن آيو - مئٽرڪ جو نتيجو ظاهر ٿيو -
اخبار ۾ صرف رول نمبر ڇپيندا هوا - ان کان اڳ
سڄو نتيجو پريس وارن کي موڪليندا هوا - مان به
پريس ۾ ويس ۽ نتيجو وٺي پڙهيو - سلپ تي رول
نمبر ۽ نالو لکيل دريءَ مان ڏٺم - ٿوري ئي وقت
اندر ان سلپ تي مارڪون ۽ پاس لکيل هو - دل ۾
ڏاڍي خوشي ۽ آنند پراپت ٿيو - سائين سروپداس
صاحب کي دل ئي دل اندر وارون وار نمسڪار
ڪيم - ڏسو ته ڪيئن سندن وچن پيا سڀ ڪم ڪن -
ٻڌندو هوس ته سائين جن جا وچن ائين آهن جڻ
پٿر تي ليڪو - اها هڪ حقيقت مونکي به ملي -
مونکي يڪدم نوڪري به ملي - مونکي وڏي پڻ

وٽان لکيل آيو ته ٻهراڻ هڪ مهيني جي سڄي پگهار
سنتن جي آهي - اها رکي ڇڏجو ۽ ان کي هٿ نه
لڳائجو. مطلب ته خرچ نه ڪجو - انهن ڏينهن ۾ اهو
دستور هو ته جيڪر ٻالڪ سنتن کي ڏان هوندو آهي
اهو جيسين ٻهراڻ مهيني جي پگهار سنتن کي ڏئي
پاڻ نئون موڪلائي، تيسين گرهست آشرم ۾ نٿو گهڙي
سگهي - نوڪري ملڻ کان پوءِ مان جلد ئي پنهنجي
پيءُ وٽ ٻهلاٽيءَ آيس - موڪلي دربار صاحب ۾
وئي هلي - موڪلي نوڪريءَ ملڻ ڪري پاڻ به
ڏاڍو خوش هئي - بابا سووپداس صاحب کي پتا
صاحب واري سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايائين - ڪين وينتي
ڪري چيائين ته هي ٻالڪ اوهان کي ڏان آهي -
اوهان جي آشيرواد ۽ مهر ميا سان ٻالڪ ٻڙهي
نوڪريءَ ۾ لڳو آهي - سڀ دک دور ٿيا آهن -
منهنجي پگهار سنتن اڳيان رکي عرض ڪيائين ته اها
پيتا قبول ڪريو - ٻالڪ کي موڪلڻ لاءِ اوهان وٽ
آندو اٿم - اوهان اجازت ڏيو ته گرهست ۾ رهي -
سنتن اهو ٻڌي مشڪي چيو ته مائي اسان وٽ ٻالڪ
ٻيا به گهڻا آهن - هن کي ڀلي وڃي شادي ڪرائي
ڇڏيو ته سکي حياتي گذاري - اهڙن سنتن تان وڃان
قربان ۽ سدن وچن تان ٻلهار! سوري دربار
صاحب سان نالو جڙيل ويو - اميد ئي ڪرڻ هئي -

پر اهو پڪو ناٿو نہ چڙهيو - سنڌين دربــار صاحب ۾
رهائڻ لاءِ اجازت نہ ڏني ۽ شيوا ڪرڻ جو وجهہ
نہ ڏنو - منهنجي موڪل پوري ٿي - مان سنڌين کان
موڪلائي آشيرواد وٺي پنهنجي پيءُ سان گڏ ٻهلاٽيءَ
هليو آيس پوءِ موٽي ڪراچيءَ هليو ويس - ساڳيءَ
اوطاق ۾ رهندو هوس - اهـــا اوطاق سڀاڳي لڳي
هئي - مئٽرڪ بـــہ پاس ڪيم - جلد ئي نوڪري
بہ ملي - سنہ 1928 ۾ منهنجو ڀاءُ نهال بہ آيو - مئٽرڪ
جو امتحان ڏيڻ - پر بدقسمتيءَ سان ان سال ناپاس
ٿيو وري ٻيو سال وڃي ٺـــاروشاهہ پڙهيو - ٻئي
سال مئٽرڪ پـاس ڪري اهو بـــہ پوسٽ ڪاٽي ۾
نوڪريءَ لـــي چڙهيو - ان بعد سنہ 1929 ۾ اسان
جي شادي بہ ٿي - شاديءَ تي اسان جي وڏي پيءُ
بہ آئي هئي - شاديءَ کان پوءِ اسان ڪيس ٺاروشاهہ
رهايو - ان سال ئي ڇر آئي ۽ ٺاروشاهہ کي بہ پوڻ
جو خطرو هــــو - مان يڪدم موڪل وٺي ٺاروشاهہ
پهتس - اتان پنهنجن ٻارن ۽ چاچي صاحب جـــي
سيني ٻارن ٻچن کي وٺي ڪراچيءَ آيس - جڏن ئي
پوڻ جـو خطرو لٿو تہ ٻيا سڀ ٺاروشاهہ موٽي ويا مگر
اسان جو گهر ڪراچيءَ ۾ ئي رهيو - ڪراچيءَ ۾ جنهن
اوطاق ۾ مـان رهيس ۽ مئٽرڪ پاس ڪيم ۽ شادي
بہ ڪيم ان جو مالڪ مسٽر منگترام منهنجو پوءِ سالو

ٿيو - اهو نہ اڳيئي ڪراچيءَ ٻارن سان رهندو هو،
اسان بہ اچي انهن سان رهياسين - ٻوءِ ٻنهي جاءِ
مسواڙ تي ڪري ان ۾ رهياسين - منهنجي پيءُ جي
جي بدلي شاديءَ پڄيءَ ٿي - آئي پوسٽ ماسٽر ٿي
ويو - اهو ميرپور خاص ڪسي ويجهو هو - موڪلي
ڪيائين تہ سيني ٻارن کي شادي پڄيءَ موڪليو -
سڀ ٻـار ٻوءِ آئي رهيا - جلد ئي منهنجي ڀاڄائي
ائي بيمار ٿي پيئي - منهنجي سالي ٻڻ هئي - گهڻيون
ئي دوائون ۽ سٽيون ڦڪيون ڪيائون پر نيڪ نہ
ٿي ۽ آخر پرلوڪ پڌاري - شاديءَ ڪئي سال مس
ٿيو هو - وري سيني ٻارن کي وٺي ٺاروشاهہ وياسين -
منهنجي پيءُ جي مائٽي ٿي - هالائيءَ ۾ ڀڳت چوهڙمل
جي نياڻيءَ سان ٺانواڻي آکهہ ۾ - سکر سان ان جي
شادي گذاري وري سڀ اسين ڪراچيءَ آياسين - ان
وچ ۾ ڪراچيءَ ۾ ساهتي پنچايت ۽ شيوا منڊلي ٻرپا ٿي
چڪي هئي - مان ان جو سيڪريٽري چونڊيو هوس -
جائنٽ سيڪريٽري هو ڪنومل ويڙهومل ۽ خزانچيءَ
جو ڪم بہ هو ڪندو هو - پروفيسر چوهڙمل ناروائي
هو پريزيڊنٽ - مکيہ اديش هو سيني ساهتي نواسين
۾ ميل ميلاپ ۽ پريم ڀاءُ پيدا ڪرڻ - انهن جي شيوا
ڪرڻ ۽ شاديءَ غميءَ ۾ مدد ڪرڻ - مان هر سال
دربـار صاحب ۾ ويندو هوس ۽ باباجن جو درشن



*Mahant of Darbar Sahib Halani*

**108 Puj Baba Sarup Das Sahib**

ڪري آشيرواد وٺي ايندو هوس - منهنجي اندر ۾ اها ڀاونا ۽ سچي سڪ اٿڻ لڳي ۽ اهو سڀاڳو ڏينهن ڪڏهن ايندو جڏهن باباڻن مهر ڪري اسان جي گهر ۾ اچي پنهنجا پوتر چرن گهمائيندا - ڳالهه بلڪل ڏکي هئي ڇو ته سنت دربار صاحب مان نڪرندا ئي ڪو نه هوا - پر سچ چيو اٿن ته سچي دل تي صاحب راضي -

## بابا سروپداس صاحبن جو ڪراچيءَ پڌارڻ

منهنجو پيٽارو پٽ ديوان انند رام ميرپور خاص مان بدلي ٿي ڪراچيءَ آيو - اسان گڏجي وڃي جاءِ ڪري وياسين - اسان جي جاءِ گاڏي کاتي ۾ رام باغ جي سامهون هئي - آڪٽوبر 1932ع ۾ ديوان جيٺانند شوقيراماڻيءَ جي جاءِ ڪراچيءَ ۾ ٺهي تيار ٿي - ان جو مهورت ڪرڻ لاءِ بابا سروپداس صاحب ڪراچيءَ اچڻ قبول ڪيو ۽ ڪراچيءَ پڌاريا - منهنجا ڀاڳ کليا جو باباڻن جو درشن ٿيو - پوءِ مهينو ڪراچيءَ ۾ ڪرپا ڪئي - مون ديوان انند رام کي چيو ته باباڻن جو پڌارو ڪجي - اهڙا سندر موقعا ٿورا ڏکيا ملندا آهن پاڻ ۾ اها صلاح پڪي ڪري ٻئي ڄڻا گڏجي باباڻن وٽ وياسين - ديوان انندرام عرض ڪيو ته ڪرپا ڪري اسان وٽ ڀوڄن ڪريو -

سنتن ڀائي ساڄنداس کي گهرايو - کيس فرمايائون ته ڀائي هي ٻئي اسان جي رسوئي مڃائڻ آيا آهن ٻه. ڀائي هن وقت به هلبو! هلبو! ائين ٽي دفعا ٽڪڙو چيائون - ڀائي ساڄنداس چيو ته جهڙن سائين جن جو حڪم - سنتن هڪدم وچن ڪيا ته سڀاڻي صبوح جو نيرن ڪٿي هن وقت هلي ڪريون! پڪ ٿي وئي - ٻئي ڏينهن نيرن ڪرڻ لاءِ اسان وٽ اچڻ جو وقت 9 بجا مقرر ڪيائون - ملن ته ڏاڍو گڏ گڏ تيس جو منهنجي من جي مراد پوري ڪيائون - اجهو ائين منهنجي اندر جي ڀاونا ۽ سڀ سڪ پوري ٿي - اندر ۾ ته پڪو وشواس وڌي ويو - ٻئي ڏينهن پوري 9 بجي صبوح جو سنت ۽ سنگت اسان جي گهر ۾ پڌاريا - بندوبست سڀ ڪيل هو - بابا جن کي پهرين ڪمري ۾ وهاريو ويو - ڪٽ تي سندن آسڻ ٺاهيو ويو - باقي سنگت ٻئي ڪمري ۾ - مون لاءِ سڀاڳو ڏينهن هو - ان وقت مونکي هري ڪشن چاول هو جو سال کن جو مس هو ۽ ويڙهيون پائيندو هو - ان بالڪ کي به دل ۾ اڪير ٿي ۽ خبر نه آهي ته ڪيئن ويڙهيون پائي اچي بابا صاحبن جي ڪٽ هيٺان ويٺو - آڱر ۾ قرڙي به هئس ۽ ڇٽس ٿي نٿي - علاج به گهڻوئي ڪري ٿڪا هواسين - بابا جن آيا ئي هوا بالڪ تي مهر ڪرڻ ۽ قرڙي

چنانچ - سنتن پڇڻ کانئي پورو ڪيو - گرڙي ڪرڻ
لاءِ چيڻ ٿي ڪٽ ٽان لهي بيٺا ته سندن چرڻ ان
بالڪ جي آڱر مٿان اچي لڳا - آڱر سنتن جي چرڻن
لڳڻ سان دٻجي وئي سڀ ڳنڍ ۽ ڪن ڪهڙو زور
پوڻ سان نڪري ويس پر بالڪ اِن زور پوڻ سبب
ڪُوڙي رڙ ڪئي ته سنتن پڇيو ته ڇا ٿيو - سنتن
کي حقيقت ٻڌائيسين - ٻڌي يڪدم فرمايائون ڪو
ڀوُ ڪونهي، ڪو ڀوُ ڪونهي ڪو ڀوُ ڪونهي - بس
سنتن جا وچن نڪتا - سنت سڪ سان رسوئي
ڪري ويا - بالڪ جي آڱر جي ملم پٽي ڪرائي وئي -
جا آڱر اصل ٽٽي پئي سا هڪ هفتي ۾ ٺيڪ ٿي
وئي ۽ پوءِ آڱرين جهڙي ٿي پئي - ڦرڙيءَ جو
ڪو به نشان نه رهيو - اها هئي ڪرامات سنتن جي
چرڻن لڳڻ جي - باڻيءَ ۾ به گرو ارجن ديو مهراجن
چرڻن جي مهما ٻڌائي آهي ڇيو اٿن ته چرڻ ساڌ کي
ڌوءِ ڌوءِ پيءُ - ساڌ کي ڌوڙ ڪرءِ اشنان -
سنت ڪراچيءَ ۾ مهينو رهيا - سڄو مهينو ڪيرتن
جي موج متي پيئي هئي - جن درشن ڪيو سي سڀ
ڀاڳيه شالي هوا - سنت ڏياريءَ کان ڏهاڪو ڏينهن
اڳ دربار صاحب ۾ وڃي پهتا ۽ اچي پنهنجي گديءَ
تي براجمان ٿيا - وقت گذرندو ويو - پورا اٺ سال
گذري ويا - سنه 1940 ۾ بابا جن جي صحت بگڙي

پئي- ڪين مٿن پيشاب جي تڪليف اچي ٿي- اڪري
ڦرڙي لڪين ۽ پير سڄي پيو- ڊاڪٽرن جو رايو هو
ته آپريشن ڪانسواءِ نه ڇٽندي- سو حيدرآباد سنڌ
آپريشن لاءِ روانا ٿي ويا- آلي جولاءِ 1948ع ۾ سنتن
جو آپريشن ٿيو- ڊاڪٽر پررولي ۽ ٻيا سڀ سنڌي
هوا- ڊاڪٽرن چيو ته شيشي سنگهائي يا سئي هڻي
پوءِ آپريشن ڪرڻون پر سنتن اها ڳالهه نه مڃي-
گهڻي رد و بدل ڪانپوءِ بنا شيشي سنگهائي يا سئي
لڳائڻ سان آپريشن ڪيو ويو- سنت سمورو وقت
سمادي ۾ هليا ويا- نيڻ بند فقط مک پئي هليو-
اڌ ڪلاڪ آپريشن ڪري گند ٻه ڪڍي ملم پٽي
ڪيائون پر سنتن ياڪي آلند- جڏهن سمورو ڪم
پورو ڪري بس ڪيائون ته سنت سڄاڳ ٿيا-
پڇيائون ته آپريشن ٿي ويو- ڊاڪٽر سڀ وائڙا ٿي
ويا- عجب پيا ڪائين ته هيتري ويڙ ڪٿي ٿي- گند
صاف ڪري ملم پٽي ٿي- پر سنتن کي ڪا خبر نه
پئي- آپريشن ته ٿيو پر سنتن جي حالت ڏاڍ ان ڪان
پوءِ وڌيڪ خراب ٿي وئي- مون به اخبار ۾ پڙهيو
مونکي ياد آهي ته اهو وسپت جو ڏينهن هو- مان
به درشن ڪرڻ لاءِ جمع ڏينهن موڪل وٺي حيدرآباد
اچي پهتس ۽ درشن ڪري شام جو ٿي واپس موٽي
آيس- اهو آخرين درشن هو منهنجو- تاريخ 21

جولاءِ 1940 ڇنڇر ڏينهن سنتن ٽوراڻ پڻ پسالو-
جنهن ۾ جل آهر كتانا لئن جوتي سنگهه جوت سمانا- جوت
وچي جوت سان ملي - قدرت مالڪ جي اهڙي جو
ساڳيءَ لقه اشتمي لسي سنتن جي ورسي هر سال
ملهائجي ٿي جنهن لي پتا صاحب جي ورسي آهي-
سنتن جي ورسي ملهائڻ سان ازخود پتا جن جي به
پئي ملهائجي ساري سنڌ ۾ اها خبر بجليءَ وانگر ڦهلجي
ويئي- سنتن جي ارٿي حيدرآباد مان دربار صاحب
۾ آندي ويئي- ان باري ۾ ماستر چندر پنهنجي
رڪارڊ ۾ انهن ڳاٽي پڌايو آهي ته الت سمي ٿي
وهڻ جي واري سنت اڳئي هو چتايو- ڦڪين به
فرق ڪونه ڪيو لڏهن محسب ڪاي موڪلايو-
حيدرآباد مان سنت جي ارٿي هالاڻيءَ ۾ آئي-
درشن ڪارڻ رئندا آيا سڪ جگياسو الاهي. چندن
جي چڪيا لي چاڙهي روئي تن موڪلايو- شامر زوپ
جهڻ سکين گوپين ڪان ڪنهيو وچايو- اڄ به جيڪو
سنگ رکندو لنهن سان ٿيندو ساٿي- پڌڻ شرط من
نرمل ٿئي ٿو جئن گنگا جو پاڻي- باباجن سنسار ساگر
جو سفر انهن پورو ڪري ويا جئن ڪمل جو گل
پاڻيءَ ۾ رهندو آهي- سنسار ۾ رهي به ان کان نيارا
رهيا- سندن ڪرياڪرم پائي ماڌوداس کان ڪرايو
ويو جنهن کي وهڻ وقت ڪنجون ڏنئي ويا هرا-

**باب ٢- بابو ماڌوداس جو گديءَ تي وهڻ -**

اهو دربار صاحب ۾ دستور هوندو هو ته ڪا به گدي خالي ٿئي ته ٻارهين ڏينهن جي ڪريا ڪرم کان پوءِ ڀري وڃي- ان ڪري بابا سروپداس صاحبن جي گدي پڻ 5 آگسٽ 1940 تي ڀري ويئي- ڀائي ماڌوداس صاحبن کي گديءَ تي براجمان ڪيو ويو- دستور موجب ناالي قيرائڻ لاءِ گرو گرنٿ صاحب مان وچن ورتو ويو- جو 'م' اکر جو نڪتو- ان ڪري سندن نالو سائيو تي رکيو ويو- ڀائي ماڌوداس مان ڦري بابا ماڌوداس صاحب بڻيا - دربار صاحب جي ڇت ڀرڻ کانپوءِ به بابا ماڌوداس صاحبن جي دل تي اها خوشي ڪانه ته جيڪا تيڻ گهربي هئي- دربار صاحب ۾ 9 ننڍيون 18 سڏيون به موجود هيون پر ته به دل ۾ اها خوشي ڪونه هئي- وقت پنهنجي تيز رفتار سان گذري ويو- ٻه سال گديءَ تي مس ويتا ته ڪانگريس سنه 1942 ۾ نهراءُ پاس ڪيو- انگريزن کي "هندستان ڇوڙو" اهو نعرو هٽي هندستان ڇڏي وڃڻ لاءِ مجبور ڪيو- انهيءَ جو اثر منهنجي دل تي پڻ ٿيو- مون پنهنجي نوڪريءَ جي استيفعا ڏيڻي چڏي- هيڊ ڪلارڪ کان وٺي آفيسرن تائين مون تي پيار هو- اوچتو منهنجي استيفعا جي درخواست ڏسي هيڊ ڪلارڪ ۽ آفيس

سچو پئ نت پنهنجي مون کي گهرائي ڏاڍو سمجهايو ۽ سڀ پڇيو - ايترو به چيائون جي مالي سبب ڪري مجبوري ۽ ڪان ٿي اهڙو قدم ڪنيو اٿئي ته اسين توکي هر طرح مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيون - پر ڪين صاف جواب ڏنو ته مون خانگي سببن ڪري هي قدم ڪنيو آهي - جئن ته اها منهنجي پرائيويٽ ڳالهه آهي انڪري ڪنهن جو به ان ۾ دخل ڏيڻ پسند ڪو نه ڪندس - نيٺ لاچار ٿي پنهنجي درخواست مٿي صاحب ڏانهن موڪلي - ان وچ ۾ منهنجي وڏي ۽ پيڻ کي خبر پئي - اها يڪدم دربار صاحب هالاڻي وئي - بابا ماڌوداس صاحبن سان سموري ڳالهه ڪيائين - ان وقت منهنجو آفيسر مسٽر اميرچند سوڍي هو - جيڪو ٺيڪ پنجابي هو پر مون تي ڏاڍو پيار هوس - صاحب منهنجي درخواست پڙهي عجب کاڌو - مون تي رازهٽڻ سبب ڪاغذ ڏسي پاسيرا ڪري رکيائين - اوچتو بابا ماڌوداس صاحبن جو خط اچي مليو بابا جن هيٺيون احوال لکيو هو -

"اسان ٻڌو آهي ته اوهان پنهنجي نوڪري ۽ جي استعفا ڏني آهي - ڪم سنو نه ڪيو اٿو اوهانجو پلو ان نوڪري ۾ ئي آهي - " اهڙو حڪم نامو پڙهي چشمن تي رکيم - من ۾ مولهار و پيدا ٿيو - اهڙي ڪا وات مليم ته درخواست عزت سان واپس وٺان

۽ ٿانگ ۾ مري پر لٽ ۾ نه پيچي - گهڻي سوچ ويچار بعد باباجن کي جواب لکيم - هيٺيون جواب الله واري لکايو اهو لکي روانو ڪيم -

"حڪم نامو اوهان صاحبن جو پهتو - اوهان جو حڪم چشمن تي آهي پر جڏهن ڏڏو ڪهڙو واپس اٿڻ نه ويندو آهي ۽ چٽل تير به وري ڪمان پر نه موٽندو آهي، اهڙيءَ حد تي منهنجا ڪاغذ پهچي چڪا آهن پر ڪو به فيصلو ڪو نه ٿيو آهي - صرف اوهان جهڙن مها پرشن جي شڪتي ڪم ڪري سگهندي - منهنجي وس کان ڳالهه ٻاهر آهي -

هيٺيون جواب باباجن کي پهتو مگر ان جو جواب وري ڪو نه آيو - اندران ئي اندران مها پرشن جي شڪتيءَ پنهنجو ڪم پاڻ ڪيو - مهينو گذريو ته اوچتو صاحب مونکي گهرايو - مونکي ڪاغذ ڏيکاري يڪدم چيائين ته پاڳل هو گيا هئه - ايسي وقت خراب چل رهيا هئه - ائسا قدم نهي اٿانا چاهيئي وغيره وغيره - مون به ڪيس ر باب رکي چيو ته سڀ سوچ ويچار ڪري پوءِ ڪم ڪيو اٿم - اوهان ڪرپا ڪري منظوري ڏيو - اڇا اها ڳالهه پوله پٺي هلي ته منهنجو وڏو آفيسر شري مشران صاحب اميرچند صاحب جي ڪمري ۾ ڪنهن ڪم سانگي آيو - اسان کي سوال جواب ڪندو ڏسي اميرچند کان پڇيائين ته ڇا معامله



*Mahant of Darbar Sahib Halani*

**108 Puj Baba Madhavdas Sahib**

آهي - اميرچند مٿهنجي استعيفا جي سموري ڳالهه ڪري ٻڌايس - مشران صاحب ٻـــ ٻڌي عجب کائڻ لڳو چيو ته مان سندس پرسنل ڪلارڪ هوس - مون کان ڏاڍي پرٻر سان سبب پڇيائون - مون ڪمس صحت جو بهانو ٻڌايو - اندر ۾ خوش ته بابا جن جي شڪتي ڪم پئي ڪري ۽ هٺي هند ڪيو اٿس - مون وڌيڪ چيو ته ڪراچيءَ جي آب هوا مونکي نٿي پاڄ پوي - مٿهنجي تندرستي بگڙي ٿي ان ڪري ڪراچي ڇڏي ويندس - اهو ٻـڌي مشران صاحب چيو ته ان جو رستو سولو آهي نوڪري ڇڏڻ کانسواءِ بہ ٿي سگهي ٿو توکي اسين هر قسم جي سهوليت ڏينداسين - تون موڪل وٺي ڪراچيءَ کان ٻاهر هوا بدلائڻ لاءِ وڃ - جڏهن پاڻ کي نيڪ سمجهين ته اچي نوڪري ڪر - پر جي اها بہ تندرستي بگڙيل رهي تہ توکي ڪنهن خشڪ هوا واري هنڌ بدلي ڪنداسين - تنهنجا نوڪريءَ جا حق جئن هاڻ آهن سي سڀ قائم رکيا - جئن ڪو بہ ان ڪري نقصان نہ پوني - مونکي تہ ڪپندو ٿي اهڙو وجهه هو - مون چيو تہ مان اوهان جي نيڪ صلاح مڃڻ لاءِ تيار آهيان پر هي درخواست فائيل ۾ هجي - مان حال موڪل تي ويندس پوءِ وڌيڪ جئن حالتون ٻڻيون تنهن موجب ڪنداسين - مشران صاحب يڪدم اميرچند

كي چيو ته هن كي ڇهڪا موڪل گهرجي سا ڏيوس
جي وڌيڪ گهرج هجيس ته اها به منظور ڪجو ته
هو بدلائي صحت سڌاري اچي نوڪريءَ تي چڙهي-
اهو سڀ بابا ماڌوداس صاحب جي شڪتيءَ ڪم
ڪيو جنهن جو ڀيرون آزمودو مونکي مليو- نه ته
هڪ رواجي ڪلارڪ، ان لاءِ ايتري رڙهه پيڙهه
ڇو ٿئي- يڪدم استعفا منظور ڪري ڇڏين ها ته
ٻه ڪري سگهن ها پر اها سنتن جي غيبي شڪتي
ڪيئن ظاهر ٿئي- مون ٻه مهينا موڪل گهري. وڌيڪ
جي گهرج تي لکي ڏيوءِ لکندس- منهنجي فائيل
تي پوءِ اميرچند صاحب هيٺان آرڊر پاس ڪيا-
ان ۾ لکيائين ته مون مشران صاحب سان صلاح ڪئي
آهي- ان راءِ تي آيا آهيون ته روپچند جي 2 مهينا
موڪل منظور ٿي ڪجي ته پوءِ هو بدلائي اچي-
ڇڏهن پاڻ كي 16 آنا ٺيڪ سمجهي ته پوءِ پاڻ اچي
نوڪريءَ تي چڙهي- ان بعد منهنجو وشواس دربار
صاحب ۽ سنتن جي شڪتي ۾ وڌيڪ پختو ٿيو-
مان 2 مهينا موڪل ڪاٽي وري اچي نوڪريءَ تي
چڙهيس- هن ڳالهه كي 5 سال ٿي ويا- سنه 1947
۾ 15 آگسٽ تي ملڪ آزاد ٿيو- ملڪ جا ٻه ٽڪر
ڪيا ويا- هندستان ۽ پاڪستان- آنهم جي الله پلاڻ
شروع ٿي- هندو سڀ هندستان ۾ ۽ مسلمان گهڻا

پاڪستان ۾ لڏي آيا ۽ باباڄن به اچي اجمير وسايو. دل ۾ اها خوشي ڪانه هين. اباڻو آستاڻو ڇڏڻ ڪري دل کي ڏاڍي چوٽ لڳي. ڏاڍو مايوس رهندا هوا ۽ دل جي به تڪليف ٿي پيئي. مان به ٻارن سميت ڊسمبر 1947 ۾ ڪراچيءَ مان لڏي اچي بمبئي پهتس. اتي مونکي ريلوي کاتي ۾ نوڪري ملي. رهڻ لاءِ ماٽونگا بي بي ۽ سي. آءِ ريلوي ۾ ڪوارٽر به مليو جتي جولاءِ 1948 کان اچي رهيس.

# بابا ماڌوداس بمبئي ۾

اسان کي اريلري ڪوارٽر ۾ رهندي سال مس ٿيو هو. سنه 1949 ۾ بابا ماڌوداس صاحب جي صحت اوچتو خراب ٿي. ڪين ڇاتيءَ ۾ ڏاڍي پاسي ڪلهي ڪلن سڄيءَ ٻانهن ۾ سخت سور پيو. اجمير ۾ ڊاڪٽرن جي صلاح ڏني ته بمبئيءَ ۾ تپاس ڪرائجي. انڪري ڊاڪٽر چيتن ۽ ديوان هرداسمل ڪرناڻيءَ بمبئيءَ ۾ بندوبست ڪري باباڄن کي بمبئي وٺي اچڻ جو فيصلو ڪيو. منهنجيءَ ڀيڻ هريءَ ماءُ کي به شيوا لاءِ وٺي اچڻ جو ارادو ڪري مون کي خط لکيائون ته اسان کي ڊاڪٽرن صلاح ڏني آهي ته پنهنجي تپاس ڪرائڻ لاءِ بمبئي اچون. اسان گجرات ميل ۾ اچي

رهيا آهيون - اسان سان گڏ اوهان جي پٽ هريءَ
لاءِ به اچي ٿي - اوهين ڏادر اسٽيشن تي اچي ڪين
وٺي ويندا - اهو خط گهر آيل هو - مان آفيس مان
موٽيس ته ٻارن سيني خوشيءَ مان ٻڌايو ته باباجن ۽
امي بمبئي تا اچن - مون خط پڙهيو - دل ۾ خوشي
تي پر ڏک به ٿيو - خوشي ان ڪري جو باباجن جو
درشن ٿيندو ۽ ڏک ان ڳالهه جو ٿيو ته باباجن ٻئي
هنڌ وڃي رهڻ جو اشارو لکيو هو - منهنجي ته ڏاڍي
سچي پاونا اها هئي ته باباجن اسان وٽ اچي رهن -
شايد مون کي غريب جاٽي ٻئي هنڌ رهڻ جو ارادو
ڪيو اٿن جو سندن خدمت چاهه شيوا نه ڪري سگهندس
خير پاونا پاونا ٿي رهي - جنهن ڏينهن لاءِ اچڻ
جو لکيو هوائون ان ڏينهن صبوح جو مان ۽ چار ٻچا
پيا باباجن جي آجيان لاءِ وياسين - گاڏي پوري
وقت تي آئي - اسان کي باباجن واري گاڏي ڳولهڻ
۾ ڪا به دقت ڪونه ٿي - مون گاڏي ۾ چڙهي
بابا صاحب جي چرنن ۾ سيس جهڪائي آسيس
ورتي - مون کي يڪدم ڪلي چپائون ته هيءَ (منهنجي
پٽ ڏانهن اشارو ڪري) منهنجي اندڙي وٺي وڃ -
اهو ٻڌي سيني ڪلهو - مون کي به اندر واري چواڻ
ته جيئندا قبلا اوهان صاحب ڪونه ٿا هلو ڇا؟ پاڻ
فرمايائون ته اسان جو بندوبست ته ديران ڪيو آهي

۽ اٽي ٽي رهنداسين - اسان پنهنجن ڇڙن پوءِ گڏجي
ويٺي ڪري عرض ڪيو ته غريبن وارا اسان وٽ
هلي رهو - اسان به اوهان جا ٿي ٻار آهيون - شيوا
جو موقعو ڪرپا ڪري اسان کي به ڏيو - پر باباڄن
چيو ته ديران سڀ بندوبست اڳواٽ ڪري ڇڏيو
آهي ان ڪري اتي ئي آسڻ ڪنداسين - مونکي به
مت اچي وئي - يڪدم عرض ڪيم ته ديني ديال
پيلا آگيا ڏيو ته اسين به اوهان سان گڏ هلون - اوهان
صاحب جو آسڻ ٿسي لڇون ته اچڻ وڃڻ ۾ سهوليت
ٿئي - اها ڳالهه ڪين وڻي - آگيا ڏنائون ته ڀلي هلو -
گاڏي ڇٽي اسان سڀ باباڄن سان گڏ بمبئي سينٽرل
تي اچي پهتاسين - اسٽور جي اهڙي مايا جو ديوان
جو ڪو به ماڻهو ڪونه آيو - ديران به ڏاڍو حيران ۽
پريشان ٿيو ۽ سنڌ ساٿ منهن جو پنو ٿي لهي ويو -
هڙن وڏي وڃي ديوان کان ان ماڻهون جو نالو وغيره
پڇيو - اُن وچ ۾ اسان بندوبست ڪري باباڄن جي
وهڻ لاءِ آرام ڪرسي گهرائي ڪين وهاريو - ديران کي
باباڄن دلداري ڏيندي چيو ڪو به فڪر ڪو نهي -
هي پنج ڇٽا ويچارا اسان کي ڪيترو نه پيار وچان
پيا ٿا ڇون - هاڻي هلو سڌو پروڙي وٽ - اتي ٿا
هلي آسڻ ڪريون - انڌو گهري الاهه کان هڪ اکـــ
مونکي پٽي مليون - اهو اٿين منهنجي دل جي سچي

پاونا پوري ڪياءُون - اسان يڪدم ٽڪسي ڪري
باباجن کي وٺي اچي ڪراچي ۾ پهتاسين - ڊڪ ڊوڙ
ڪري سندن رهڻ لاءِ بندوبست ڪري ورتوسين -
منهنجا ٻار ته خوشيءَ ۾ ٿي نه ماپن - ڏاڍو گد گد
ٿيا - باباجن جي شيوا ڪرڻ جو موقعو مليو وين -
باباجن ٻه هفتا رهي ڊاڪٽرن کان تپاس ڪرائي -
پر آرام گهٽ هوندو هون - گاڏيون پيون هر پنجين
منٽي لنگهن - انهيءَ ڪري پورو آرام نه
ڪري سگهيا - آخر ڊاڪٽرن جي صلاح موجب
ديولالي هوا بدلائڻ لاءِ هليا ويا - اتي ديوان
چوئٿرام شوقترامائيءَ سندن رهڻ جو سٺو بندوبست
ڪيو - ڪجهه عرصو اتي آرام ڪري اجمير ڏانهن
روانا ٿي ويا - سنه 1950 جي آڪٽوبر مهيني ۾
مونکي اوچتو اچي ٻنهي ٽنگن ۾ سور پيو - چيلهه
جي ٽڙ کان وٺي پيرن تائين سخت سور ڪن رڳن جو
سور هو - مهينو کن علاج ڪيم پر ڪو به فائدو نه
ٿيو - آخر موڪل وٺي دهليءَ آيس - ننڍيءَ ڀيڻ
وٽ اچي رهيس - هفتو کن علاج ڪيم - فائدو اصل
ڪونه ٿيو - تڏ به ان سال دهليءَ ۾ سخت ٿڌي -
هڪ رات اوچتو اندر واري ڇڪيو ته وڃي سنڌن جي
شرط وٽ نه ڇوٽڪارو ٿئي - مان صبوح جو اٿڻ سان
ٿي پيڙ کي چئي اجمير جي ٽڪيٽ گهرائي - گهڻو ٿي

مونکي سمجھايو ويو- پر مان اڏول رهيس ۽ سور
سان ٽي اجمير هلي آيس- وڏيءَ ڀيڻ جي انڊريس
مون وٽ هئي- اُن وٽ اچي رهيس- منهنجي ڀيڻ
روز صبوح جو باباجن لاءِ ٽڪري تاهي نيرن کڻي
ويندي هئي- پنڌ پري هو ۽ بس ۾ ويندي هئي-
مونکي به دربار صاحب جي خبر هئي پر مان پنڌ
ويندو هوس- سور ڪري وات ٽي ساهيون پٽي
اچي باباجن جي چرڻن ٽي ڪريس- باباجن مونکي
ڏسي ڏاڍي خيال ۾ پئجي ويا- عجب پيا ڪائين ته
ايڏو پنڌ ڪيئن ڪري سگھيو آهيان- اهڙيءَ طرح
چار پنج ڏينهن گذري ويا- هڪ ڏينهن باباجن
فرمايو ته ايتري سور سان ايڏو پنڌ ڪري روز ڇو تا
اچو- به ٻي ڏينهن رکي ڪري ڇو نه تا اچو- مون
عرض ڪيو ته دين ديال گھر ۾ جيترو وقت رهان
تو ته من جي ورتي وڃي ٿي سور ۾ ٿوي- هت
اچڻ سان ورتي سور مان نڪري دربار صاحب ۾ ٿي
ڦري وڃي- جنهن ڪري سور جو دک ٽي ڪونه تو
ٿئي- هاڻ جڏن اوهان صاحب حڪم ڪندا ته ان
موجب ڪندس- باباجن يڪدم فرمايو ته جي ائين
آهي ته اسين ڪيئن اوهان کي روڪيون ۽ سور
جي پيڙا سهايون! ائين ڏهه ڏينهن گذري ويا-

# لڪڻ جي ڪرامت

وري باباجن ساڳي ڳالهه دهرائي - هن وقت ائين فرمايائون ته ڇڱو جي روز تا اچو ته هي اسان جو لڪڻ اٿو - ان سان ايندا ته سور گهٽ ٿيندو - مان به ست وڇن ڇٽي لڪڻ وٺي ان سان روز اچڻ لڳس - ٽي چار ڏينهن ائين اچڻ سان مون برابر محسوس ڪيو ته سور گهٽ ٿئي لڳو - ٻه هفتا لڪڻ ٽي آيس - سور ۾ 8 آنه فرحت ٿي ويئي - مونکي پوءِ سنتن جي لڪڻ جي ڪرامت سمجهه ۾ آئي - سنتن سڌو وڇن ڪڍڻ جي بدران لڪڻ جو بهانو بنايو - اُن ۾ پنهنجي شڪتي ڦوڪيائون - مهني اندر سور 12 آنه گهٽجي ويو - آهستي آهستي پوءِ صفا لهي ويو - مونکي سيئي اهڙ ڊپ ڏنو هئو ته اهو سور ماڻهوءَ کي لنگڙو ڪري ڇڏيندو آهي - اهو سڀ سنتن جي شرڻ ۾ پوڻ جو ڦل مليم - لڪڻ جي ڪرامت اهڙي ٿي جو وري 34 سال گذريا آهن ته سور جو نالو نشان به ڪونه رهيو آهي - سنت ته سدائين ديالو آهن پر ڪير سندن شرڻ ۾ پئي ته ڏسي شرڻ ۾ ٿي ته اچو ته ڪرپا ڪيئن ڪندا - مان سنتن جي ڪرپا سان صحت حاصل ڪري جنوري 1951 ۾ اچي بمبئيءَ نوڪريءَ تي چڙهيس.

# سنڌن جو وري بمبئي پڌارڻ

اڃان چار پنج مهينا مس گذريا ته سنڌن جو وري احوال آيو تہ بمبئي ۾ علاج ڪرائڻ لاءِ اچون ٿا۔ ورليءَ ۾ ديوان مانسنگهه چوهڙمل ڀاڳچنداڻيءَ وٽ رهندا۔ مان سنڌن جي درشن لاءِ دادر پهتس۔ منهنجي پيءُ به سنڌن سان گڏ شيوا لاءِ آئي۔ ديوان مانسنگهه جي گهر جي ائڊريس ؟ پورو ڏس پتو پڇي منهنجيءَ پيءُ کان وٺي پنهنجي گهر آيس۔ منهنجي پيءُ روز بس ۾ وڃي صبوح جو سنڌن وٽ شيوا لاءِ حاضر ٿيندي هئي۔ مان آفيس مان سڌو ويندو هوس۔ سنت روز رهراس صاحب جو پاٺ ڪري رسوئي کائيندا هوا۔ اسان کي به پوءِ پرساد ڏيندا هوا۔ اسين سنڌن کان موڪلائي رات جو اچي گهر رهندا هواسين۔ اهو روزانو نيم ٽي ويو جيسين تائين سنت ورليءَ ۾ رهيل هوا۔

## ڏياري بمبئي ۾

وقت پنهنجيءَ تيز رفتار سان گذرندو ويو۔ ڏياري به اچي ويجهي پهتي۔ سنڌن ڏياري هميشه دربار صاحب هالاڻيءَ ۾ ڪئي۔ ڪٿي به سنت ويندا هوا ته ڏياريءَ کان اڳ دربار صاحب ۾ موٽي

پيدا هوا - هيءَ سال ته اهڙو اچي بڻيو جو صحت
نيڪ نه هئڻ ڪري ڏياري بمبئيءَ ۾ ڪرڻي پيئي -
سندن جي تندرستي گهڻو بهتر ٿيندي ويئي -
دوا درمل سان گڏ سمنڊ جي هوا به گهڻو فائدو ڪيئن -
بابا جن کي هاڻ ڊاڪٽرن جي به موڪل ملي ته ڀلي
باهر هوا کائڻ ۽ گهمڻ لاءِ نڪرن - ان ڪري اسان
سيٺ سڪن ۽ شيوڪن کي به - گهڻي خوشي ٿي -
بابا جن کي سيٺ عرض ڪرڻ لڳا ته ديالو اسان وٽ
رسوئي هلي ڪريو يا اسان جي گهر اچي چرڻ
گهمايو - منهنجي به دل ۾ اها چاهنا جاڳي ته ڏياريءَ
ڏينهن اسان وٽ اچي چرڻ گهمائي وڃن - مون
پنهنجيءَ پرڻ سان صلاح ڪئي - ان چيو ته ڏياريءَ
ڏينهن سنت آسڻ ڪو نه چڙهندا آهن جو سڀ سک
شيوڪ ڪين واڌايون ڏيڻ ايندا آهن - متايون ڪٺيون
اچي ڏيندا اٿن - مون اهو ٻڌي ڪٿي مانٺ ڪئي -
دل جي پاونا دل ۾ ٿي رهي - ديوان مانسنگهه کي
اڳئي اهو خيال دل ۾ آيو ته ڇنڊ ڏينهن بابا جن
جي تندرستيءَ جي خوشيءَ ۾ ڪيرتن ڪرائجي -
اهڙو بندوبست ڪري ڇڏيو هوائين - بابا جن کي
ڏياريءَ ڏيکارڻ لاءِ دوستن سان پڻ مرتن جو
بندوبست به ڪيو هوائين - مان دستور موجب
بابا جن وٽ شام جو پهتس - جڏهن پرساد ونڻي

موڪلائي ھلڻ لڳس تہ باباجن سڏ ڪيو- پاڻ
فرمايائون تہ پائي روپيا اسان چئن نڪرڻ جھڙا ٿيا
آھيون تہ سڀ سک شيوڪ اسان کي وڌائي ويا
آھن تہ اسان وٽ چرن گھمايو- رسوئي ڪئائون وغيره
وغيره- توھان تہ اسان کي صلاح ڏي ڪونہ ٿو ڪريو!
مون ننڊن کي ھٿ جوڙي نمرتا ڀاو سان چيو تہ
ديني ديال اوھان صاحبن تہ ھن داس کي وچن ڏئي
ڇڏيو آھي تہ اسان جو گھر اوھان جو پنھنجو گھر
آھي- پوءِ اوھان تہ اسان جا خود مالڪ آھيو-
پنھنجو گھر آئو تہ جڏھن بہ اوھان صاحبن جي داس
تي ڪرپا ٿئي تہ اچي چرن گھمائي گھر پوتر ڪري
ويندا- باباجن اھو ٻڌي مشڪيا- وري فرمايائون
تہ اسان چنڊ تي اوھان وٽ ايندا سين- ايجان ڏياريءَ
۽ چنڊ ۾ ڪجھہ ڏينھن پيا ھوا- اسين ٻئي ڀاءُ ڀيڻ
خوش ٿي موڪلائي گھر آيا سين- ٻئي ڏينھن جڏھن
موڪلائي ھلڻ تي ھراسين تہ ٻيھاري فرمايائون تہ
پائي روپيا اسان تہ چنڊ ڏينھن اوھان وٽ اچڻ جو
پڪو خيال ڪيو ھو- اوھان کي بہ ڪالھہ چيو سين-
رات جو ماسنگہ آيو- ان سان بہ ڳالھہ ڪئي سين-
ان ڪري تہ چنڊ ڏينھن تہ پاڻ ڪيرتن ٿو ڪرائي گھر
۾- ان کان اڳہ اسان کي ممبئي جي ڏياري پئي
ڏيکاريندو- تنھن ڪري اسان جو اوھان وٽ چنڊ

ڏينهن اچڻ ڪونه ٿي سگهندو. پلا وري ڪنهن ٻي
وقت ايندا سين - مون کي ڏک نه ٿيو پر نماڻائيءَ وچان
هٿ جوڙي چيم نه اوهان ڌڻي مالڪ آهيو - اسان
کي نه اهائي خوشي آهي نه اوهان جي صحبت سڌري
آهي جنهن ڪري اچڻ وڃڻ جهڙا ٿيا آهيو - ٻهرئن
اوهان جي صحبت - اچڻ وڃڻ نه پيو پوءِ ٿيندو - اهڙي
طرح ٻيا ٻه ٽي چار ڏينهن گذريا - ڏياري کان هڪ
ڏينهن اڳ مان باباجن وٽ آيس - شام جو هميشه
جيان اسان باباجن کان پرساد وٺي موڪلايو - ٿورو
هليس نه باباجن سڏ ڪيو - فرمايائون نه پائي روپا
اسان پڪو خيال ڪيو آهي نه سياڻي ٿو وقت اچون
ديوان مانسنگهه اسان کي ڏياري ڏيکارڻ لاءِ وٺي
هلندو - شام جو موٽر ۾ ڏياري ڏسڻ نڪرنداسين -
جڏهن نه اسان نڪرون ٻه ٽا نه اسان ٿو ڏوٿان ٿيندا
پوءِ گهر موٽنداسين - مون چيو سائين ست وچن -
جيڪا اوهان صاحبن جي مرضي - اڌ و گهڙي الله
کان هڪ اڪ - مون کي ٻئي ملي ويون - اڄهو ائين
منهنجي دل جي ديبل پاونا پوري ڪيائون - جاڻي
جاڻڻهار ۽ ڪرامت وارا سنت هوا - مون ۽ منهنجي
پيٽڻ پوءِ هٿ ٻڌي نمرتا پورڪ وينتي ڪئي نه
آگيا ڏيو نه سياڻي اسين ٻئي اوهان وٽ نه اچون -
باباجن يڪدم فرمايو نه ها ٻالا - اسين ايندا سين نه

ٻوهه ڏوهان وڙي ڇو اڇوت پلي نه ايندا - انهن ٻڪ
ٻڪاٽي ڪري خوش ٿي اسين ٻئي گهر آياسين -
ٻار به ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيا ته بابا جن سڀاڻي اچي
ڏياري اسان وٽ ملهائيندا - شام جو 7 بجا وقت
مقرر ڪيو هوائون - ٻئي ڏينهن اسين سڀ بابا جن
جي پڌارڻ لاءِ تياري ڪرڻ ۾ لڳي وياسين - برابر
پوري 7 بجي شام جو بابا جن ڪراڙن ۾ اچي پهتا -
سنتن جو آدر ستڪار ڪيو ويو - ڪراڙن جا سڀ
ماڻهو ٻار ٻچا زالون مرد سڀ سنتن جو درشن ڪري
خوش ٿيا جو اهڙي مها پورش ڏهاڙي درويشن جو
درشن ڪيائون - سنتن سان ڏهه پندرهن ستسنگي
به هوا - ڪراڙن ۾ رونق لڳي وئي - باباجن سڀني
کي پرساد ڏنو - مون مٺائيءَ ۽ آتشبازيءَ جو
بندوبست ڪيو هو - اڳيئي گهرائي رکي هئم -
ڏياريءَ جي شب موقعي تي اهي ٻئي ضروري
آهن - بابا جن منهنجن ٻارن سان آتشبازي ٻاري
ڏاڍو خوش پئي ٿيا - ٻار ته ٻوڏ ۾ اچي ويا - پوءِ
بابا جن لڪشمي پوڄن به ڪيو - اسانکي به ڪرايوٽ
ڪهڙو نه سڀاڳو ڏينهن اسان لاءِ هو! سنت ڏياري
ڏينهن ڪيڏانهن ڪرڻ ويندا آهن - واهه! واهه!
ڌن ڀاڳ اسانجا ٿيا - اهو ڀرپور مثال ٿيو آهي دربار
صاحب جي اندر - سنتن اسان کي موڪلائڻ وقت

ڇيو ته اوهان جو صدق ۽ پريم اسان کي هت ڇڪي آيو - وڃڻ لي دل ئي نه ٿي ٿئي - ديوان جي گهر ۾ سنگت ويٺي هوندي - سڀ آسري ۾ هوندا ته درشن ڪري وڃون - پوءِ سيٺي کي آشيرواد ڏيئي بابا جن موڪلائي ورتي ويا - اسان کي ٻنان خرچ ڪرائڻ جي نهال ڪيائون - ان ڪاڻ پوءِ مون ڏٺو ته منهنجو هٿ ڪڏهن ٻه نه منجهيو ۽ سڀ ڪارج راس ٿيندا ويا - لڪشمي جڻ پنهنجي ٿي ڦري - نه ته مون کي 6 ڀيائيون هيون - پٽڙا ٻه ٻه هوا - منهنجي سيٺي مٿن مائٽن کي اهو فڪر هوندو هو ته ويچارو ڪيئن ڪندو - ڪڏهن ڇهن ڀيائين جا ڪارج ڪندو - پر ٻنهي مهاپرش سائين سرو پداس صاحب ۽ بابا ماڌوداس صاحبن جي اهڙي ڪرپا ٿي جو سڀ ڪم راس ٿي ويا ۽ ڪا به پئسي وغيره جي تنگي نه ٿي - بابا جن پوءِ ڪجهه وقت وريءَ مان اُلهاس نگر ويا - نمبر 3 ۾ ديوان لوڪچند وٽ رهي پوءِ سکر سان اجمير روانا ٿي ويا -

## ٻيهڳيءَ ۾ ٽئون ڀيرو اچڻ ۽ جوتي جوت سمائڻ

وقت گذرندي دير ئي ڪونه ٿي لڳي - سال ڪن گذري ويو - مون کي سنتن جي ڪرپا سان جولاءِ سنه 1952 ۾ ڊبل پرموشن مليو - ڪنڊبالا ڊيسا

ريلوي لائين جو ڪم زور شور سان چالو هو. اتي
اڪائونٽنٽن جي گهرج ٿي. جنهڪري ٻه ڪلارڪ ان
وقت ٽنڊي و امتحان Appendix II جو پاس ڪيل هوا
تنهڪري چونڊ لاءِ گهرايو ويو. مان به انهن ۾ هوس ۽
اُميد گهٽ هئي ڇو ته مان ئي هڪڙو هوس جو سيڪنڊ
ڪلاس هيٺئين گريڊ ۾ هوس. ٻيا سڀئي ڪي سڀ هيڊ
هوا ته ڪي گريڊ I ۾ ڪم ڪندا هوا. چونڊ لاءِ
ڪاميٽي مقرر ڪيل هئي. 3 آفيسر ڪاميٽيءَ تي
هوا. مون کان ته ٽنهي آفيسرن سوال پڇيا. مون
پنهنجي پڌيءَ آهر جواب ڏنا. منهنجي عجب جي
حد ئي نه رهي جو مان ان چونڊ ۾ ڪامياب ٿيس.
مون عهدو قبول ڪيو پر ڪن شرطن تي. منهنجا
سڀ شرط به قبول ڪيا ويا. مان پوءِ ڊيسا هليو
ويس. اُتي اڪائونٽنٽ جو عهدو وڃي سنڀاليم.
منهنجو انجنيئر هو شري ساٺي صاحب ۽ اسسٽنٽ انجنيئر
هو شري ڊسيدا صاحب. ٻئي منهنجي ڪم ۽ سڀاو
ڪري خوش ۽ راضي هوا. ڪجهه مهينا گذريا ته
اسان جي آفيس گانڌيڌام ۾ ڪولياڻون. اسين سڀ
اُتي هليا وياسين. سنه 1953 چالو ٿي ويو هو.
وري بابا صاحب جي صحت بگڙي وئي. بمبئي
علاج ڪرائڻ لاءِ هليا ويا. اُتي سيان سنڌي ڪالوني
۾ وڃي رهيا. ڀاءُ سندر داس مورجاڻي اُتي رهندو

هو ان وقت اچي رهيا- جنوري 1953 جو مهينو هو- ڀاءُ ٿارومل ڪارڙا به آئي رهندو هو دڪان به آئي هوس - بابا جن جو عزيز به هو- بابا جن ٿنهن کي گهرائي چيو ته ڪا جاءِ هن سنڌي ڪالونيءَ ۾ ملي ته اسانکي وٺي ڏيو- ڀاءُ ٿارومل جي ڪوشش سان هڪ جاءِ نمبر 2 بلاڪ نمبر 7/A ۾ ملي وئي - اها خريد ڪيائون- پوءِ بابا جن اچي پنهنجيءَ جاءِ ۾ رهيا- سندن صحت ۾ تڪڙو ڦيرو آيو- تڪليف اهڙي وڌي وئي جو آڪسيجن تي پئي هليا- مون کي پڻ اهڙو احوال ٻارن وٽان آيو- مان يڪدم موڪل وٺي اچي ٻمبئي پهتس- اندر ۾ اهو پڪو ارادو ڪيو هوم ته بابا جن کي روبرو عرض ڪري پنهنجي حڪيم جي دوا ڪرائڻ لاءِ مڃائيندس- منهنجي ڀيڻ اُتي سندن سيوا ۾ سڀان رهيل هئي- ڀائي ديا سنگهه (هن وقت بابا گوبند داس صاحب) کي به اجمير مان تار ڏيئي گهرائي ورتائون- ٻمبئي پهچڻ شرط مان بابا جن جي درشن ڪرڻ لاءِ سيان آيس- بابا جن جي اهڙي گنڀير حالت ڏسي مون ڏاڍو عجب کاڌو ۽ دل ۾ ڏڪ اچي ويو- مون کين هٿ جوڙي نمرتا سان عرض ڪيو ۽ چرنن ۾ سيس نوائي چيو تہ دين ديال مون کي هڪ دفعو موقعو ملي ته مان پنهنجي حڪيم کي آزمايان- حڪيم

صاحب اوهان جي صحت ڏسي تپاس ڪري پنهنجو
راءِ ڏيندو ته سندس دوا ڪرڻ سان فائدو ٿيندو يا نه.
بابا جن منهنجي وينتي قبول ڪئي- مان يڪدم حڪيم
وٽ ڪاربر ويس- حڪيم کي مون سندس ڳالهه ياد
ڏياري ته اوهان هام هڻي چيو هو ته جيڪو مرض
لاعلاج هجي ۽ ڊاڪٽر نه ڇٽائي سگهن اهو به اوهين
ڇٽائي سگهندا- هاڻي منهنجا ستگرو اهڙيءَ حالت
۾ اچي ٿيا آهن- اوهان ڪرپا ڪري روبرو هلي
حالت ڏسو- تپاس ڪري انهن جو علاج ڪريو ۽ همٿ
جس کٽو- منهنجو حڪيم پرسومل سان گهرو رستو
هو- هو يڪدم مون سان سيان سنڌي ڪالونيءَ ۾ آيو.
بابا جن جي نار ڏسي ۽ سموري حقيقت بيماريءَ بابت
پڇي- حڪيم چيو ته هو علاج ڪندو ايشور جي ديا
سان دوا مان فائدو ٿيندو ۽ ڏک دور ٿي ويندو-
مونکي هڪ بوٽي هڻ لاءِ کپندي جي اها ملي وئي
ته پوءِ سياڻي شام جو ايندس- ٻئي ڏينهن شام جو
هو پاڻهي آيو اچي ٻڌايائين ته گهربل بوٽي ڏٺي اٿم-
هري ۽ پنهنجي پٽ کي سياڻي صبوح جو سويل
موڪليو ته اها پٽي اچون- مون هريءَ کي صبوح جو
سويل موڪليو- ٻئي گڏجي اها بوٽي پٽڻ ويا-
جيتري گهرجي هئي اوترو انداز پٽي کڻي آيا- ان
مان دوا ٺاهي حڪيم ان ڏينهن شام جو ٿي شيشو

ڪٽي آيو- ڊاڪٽر چيٿن به ان وقت حاضر هو- انهن
تي دوا ڏيڻ جو ڪم رکيائين- سڀ ڪجهه کيس
سمجهائي ويو- بابا جن پٺي ڏينهن صبوح جو دوا
چالو ڪئي- حڪيم جو چوڻ هو ته بابا جن کي اشنان
فقط سمنڊ جي پاڻيءَ سان ڪرڻو آهي- سمنڊ لڳ
ويجهو ڪونه هو- مهيم پاسي هو- روز پاڻي آڻڻ
پاڻي ديا سنگهه پاڻ تي هموار ڪيو- روز ويندا هوا
گهاگهر سمنڊ جي پاڻيءَ جي ڀري ڪٽي ايندا هوا-
پندت ايندا ويندا هوا، ٽرام به هئي ته به ان ۾ نه ويندا
هوا- اهو لکڻ هت غير واجب نه ٿيندو ته گرو گهراڻي
۾ به اهڙي شيوا جو ذڪر آيل آهي- پاڻي امروءَ
اهڙي شيوا ڪري گر گدي پراپت ڪئي هئي-
امروءَ مان ٿري گرو امرداس صاحب بڻيا- بابا جن
روز دوا به پئندا هوا ۽ سمنڊ جي پاڻيءَ سان شنان
پڻ ڪندا هوا- ٽن ڏينهن گذرڻ پعد دوا پنهنجو اثر
ڏيکاريو باباجن جي مونجهه صفا لهي ويئي- آڪسيجن
پڻ هٽائي ويئي- قدرتي طرح ساهه کڻڻ جي شڪتي
اچي وئي- اڪثر سڀ ڊاڪٽر حڪيمن جي دوا ۾
گهٽ اعتقاد رکندا آهن- ڊاڪٽر چيٿن دوا جو چمتڪار
ڏٺو- کيس هاڻي دل ۾ اُميد جاڳي ته دوا وڌيڪ
اثر به ڏيکاريندي- دوا چالو رهي- ڏهن ڏينهن ۾
کين چڱو فائدو ٿيو- حڪيم گهر ۾ اُٿڻ وهڻ ۽ ٿورو

هلڻ چلڻ بہ ڏنو. کاڌي جي پرهيز بہ بند ڪري بابا جن کي سڀ ڪجهہ کائڻ جي موڪل ڏني. صرف ترڪل شين کائڻ جي منع ڪئي. دوا جو شيشو بابا جن پيتو جو 20 ڏينهن هليو. بابا جن کي رهڻي مان 12 آنہ فرحت محسوس ٿي. جلد ئي هوليءَ جو ڏڻ آيو. بابا جن وٽ سنگت بہ درشن لاءِ آئي. سڀ درشن ڪري آشيرواد وٺندا ويا. ڪيترن نہ هوليءَ جا گيهر صنبوسا ۽ پڪوڙا بہ آندا. بابا جن هر طرح خوش هوا ۽ سڀني سان کلي ڳالهائي چرچا وغيره ڪرڻ لڳا. بيماريءَ بعد اهو پهريون پيرو سنگت کي موقعو مليو. بابا جن کي حڪيم چيو هو تہ دوا پوري ڪري پوءِ 15 ڏينهن سورج اشنان ڪندا تہ بيماريءَ جي جڙ پٽجي ويندي. جي نہ ڪندا تہ وري ٿيڻ جو امڪان آهي. جاءِ ۾ اندر اُس جو پورو بندوبست ڪونہ هو. تنهن ڪري اها ڳالهہ نہ ٿي سگهي. اهڙي طرح 2-3 مهينا بابا جن بلڪل مزي ۾ گذاريا ۽ آرام سان رهيا. ڪابہ سريرڪ شڪايت ڪونہ ٿين. سورج اشنان نہ ڪرڻ سبب بابا جن کي وري ساڳي بيماري اُٿلي پئي. حڪيم تہ اڳ ۾ اهڙو چتاءُ ڏنو هو. اهو بہ ٻڌايو هوائين تہ پوءِ ڪابہ دوا اثر ڪونہ ڪندي ٿيو بہ ائين. ايشور جو پاڙو ڪو ائين لکيل هو. جولاءِ 1953

جي آخرين هفتي ۾ بيماري اڳرو روپ اختيار ڪيو - ڊاڪٽرن گهڻائي حيلا هلايا - وس مون ڪونه گهٽايائون پر ڦڪيون فرق ڪن جڏهن امر ٿئي الاهه جو. تڪليف وڌندي ويئي آخر آگسٽ 1953 تاريخ 5 وڃي سڀيءَ جوت سان مليا - پر پوءِ جي چرنن ۾ وڃي پهتا - آخرين سنسڪار لاءِ سنتن جي ارٿي سيان (بمبئي) مان دربار صاحب اجمير اچي پهتي - مون کي ته ان کان اڳ ئي گانڌيڌام نوڪريءَ تي چڙهڻ لاءِ حڪم ڏنو هوائون - وڃڻ تي دل ڪونه هئي - پر سنتن حڪم چشمن تي رکي مان رئندو ڪين اهڙي حالت ۾ ڇڏي هليو ويس - مون کي صرف اهو چيو هوائون ته تنهنجو موهه انڪيل آهي - ان ڪري اسان آخرين وقت به توکي درشن ڪونه ڪرائيندا سين - اڄو اڻين اهو منهنجو آخرين درشن ٿيو - نورچشم هريءَ بابا جن جي نازڪ حالت ڏسي مونکي تمام ضروري تار موڪلي - ان جي پهچڻ شرط مون موڪل ورتي ۽ پاس ڪيائي بمبئيءَ لاءِ روانو ٿيس - جڏهن ڏينهن مان گانڌيڌام مان نڪتس ان ڏينهن ئي بابا جن سرير تياڳيو هو - ڊاڪٽر چيتن انهيءَ رات جو ارٿي اجمير ڪڍائي وڃڻ جو بندوبست ڪيو - گجرات ميل ۾ ارٿي بمبئيءَ مان رواني ٿي ٻئي ڏينهن صبوح جو احمد آباد



*Gadi Nashin Mahant of Darbar Sahib Halnai*

**108 Puj Baba Govind Das Sahib**

پهتي جتان دهلي ميل ۾ رات جو اچي اجمير پهتا- منهنجي گاڏي ويرمگام ۾ صبوح جو سوير 5 بجي پهتي- آئي بي گاڏي پروقت بمبئي لاءِ تيار هئي ان ۾ چڙهي بمبئي لاءِ روانو ٿيس- مونکي ننڊ اچي ويئي- بابا جن مونکي ننڊ ۾ درشن ڏنو- مونکي چيائون ته هاڻي اسين بلڪل ٺيڪ آهيون ۽ اجمير ٿا وڃون- منهنجي اک کلي، سپني واري ڳالهه وسري ڪئي نه- دل ۾ ڦڙڪو آيو ته بابا جن شرير ڇڏيو آهي- سندن ارٿي اجمير ڏي وڃي رهي آهي- منهنجي گاڏي گجرات ميل جي اچڻ ڪانپور ۽ احمد آباد پهتي- دهلي ميل جو وقت صبوح جو هو جو احمد آباد مان اجمير لاءِ رواني ٿيندي هئي- مونکي اهو خيال آيو ته لهي ڏسي اچان نه متان بابا جن جي ڪا خبر پئجي وڃي- پر وري من ڦيرو کاڌو- ائين دل ٿي دل ۾ چيم ته ماريا من اهڙا خيال ڇو ٿو ڪرين- ٿون بمبئي هليو وڃ آئي وڃي خبرچار لهه- ائين سوچ ويچار ڪندي مان ستو بمبئي هليو آيس- اتي بابا جن جي جوتي جوت سمائڻ جو سماچار مليو- اها پڻ خبر پئي ته سندن ارٿي گجرات ميل ۾ اجمير کڻائي ويا- مان جي احمد آباد ۾ لهي جاچ ڪريان ها ته شايد آخرين درشن ٿئي ها- پر اهو حڪم نه ٿيو ڇو ته بابا جن جا وچن هوا ته آخرين درشن نه ٿيندو

۽ ان ڪري من ڦيرو کاڌو هو. مان موڪل وٺي پوري ڪري وڃي نوڪريءَ تي چڙهيس. اهڙيءَ ريت ٻنهي درويشن ۽ مهاپرشن جي صحبت جو دور پورو ٿيو.

## باب ٣. ڀائي ديا سنگهه

ٻابا ماڌو داس صاحب جو سمورو ڪريا ڪرم اجمير ۾ ڀائي ديا سنگهه کان ڪرايو ويو. دربار صاحب ۾ اهو دستور هلندو پئي آيو ته جيڪو ڪريا ڪرم ڪرائي ته گديءَ تي به اهو ويهي. هاڻي به گديءَ ڀرڻ جو اهم سوال اٿيو. بمبئيءَ ۾ سکن شيوڪن جو ميڙ ٿيو. يڪراءِ فيصلو ڪيو ويو ته گديءَ تي ڀائي ديا سنگهه کي وهاريو وڃي. ٺهراءُ پاس ڪري اجمير جي سنگت ڏانهن موڪليو ويو. اجمير جي سنگت ته اڳ ۾ ئي اهو ٺهرايو هو ۽ سڀ ڪريا ڪرم به انڪري ڀائي ديا سنگهه ڪيو هو ۽ سنڌس چوڻي به ڪتي ويٺي هئي. اتي آداسي سنتن اعتراض اٿاريو ۽ دربار صاحب مان هليا ويا. سنگت جو فيصلو منظور ڪيو ويو. ٻارهين جو ڪريا ڪرم پورو ٿيو. تاريخ 18 آگسٽ 1953 تي ڀائي ديا سنگهه کي گديءَ تي براجمان ڪيو ويو. گرو گرنٿ صاحب مان وچن وٺي لالو بابا گوبند داس

صاحب رکيو ويو - ساري سنگت اچي بابا گوبنداس صاحب کي سر جهڪايو -

## بابا گوبنداس صاحب

گديءَ تي وهڻ کان پوءِ جلد ئي بابا گوبنداس صاحب عيسائي محلو دربار صاحب ڇڏي ڏکڻ چوڪ ۾ ڊاڪٽر چيتن جي اسپتال مٿان استاپن ڪئي - مان به موڪل وٺي اچي بابا گوبنداس صاحب جو درشن ڪري آشيرواد گهري - هيءَ جاءِ به مسواڙ تي هئي - بابا جن کي سدائين اهو ڦرنو هو ته پنهنجي جاءِ هجي - ڪوشش ڪندا رهيا ۽ سوڀارا ٿيا - پرسان ئي ڏکڻ تلاءَ جي سامهون هڪ پلاٽ هو جنهن ۾ جايون ۽ دڪان به هوا - اهو کين پسند آيو ۽ خريد ڪرڻ لاءِ پرشارٿ ڪيائون - نيٺ اهو پلاٽ ورتائون - پلاٽ ۾ خوب پنهنجي سر روز وڃي محنت ڪري ان کي ٺاهي سڌو پٽ ڪيائون - نئين جاءِ جو نقشو ٺاهي اهو به پاس ڪرايائون - جاءِ ٺهرائڻ جو ڪم چالو ٿيو - ڀاءُ قيمتراءِ مورجاڻيءَ کي دهليءَ مان گهرائي ان جي نظرداريءَ هيٺ ڪم ڪرڻ شروع ڪيائون - ڀاءُ چترڀڄ ايڏوڪيٽ ابيچنداڻيءَ کي به صلاح مصلحت لاءِ بمبئيءَ مان گهرايائون - دربار صاحب جو هال، ان جي سامهون

بابا جن جي ٻئنڪ لاءِ ڪمرو ۽ هال جي هيٺان
سنگت جي ڪارائڻ لاءِ وڏو ورانڊو جنهن ۾ 5 ڪمرا
هوا سي سڀ تهي تيار ٿيا. 13 اپريل 1960 ويساکيءَ
تي مهورت ڪرڻ لاءِ فيصلو ڪري سيٺي کي
احوال لکيائون - مونکي به ڪرپا پتر اچي پهتو -
مان به مهورت ۾ ڀاڳ وٺڻ لاءِ اجمير پهتس -
ان ڏينهن ويساکي به هئي - مان هر سال ڏياري ۽
ويساکي اچي اجمير ڪندو هوس - وچ ۾ هڪ ٻه
دفعو جي ٻيو به موقعو ملندو هو ته اچي درشن
ڪري آسيس وٺندو هوس - پر اڪيلو - هن ڀيري
مان سيٺي پارن سميت اچي شريڪ ٿيس ۽ سيٺي کي
درشن ڪرائي آشيرواد وٺي ڏنم - ان کان اڳ بابا
صاحب 2 دفعا بمبئيءَ به آيا هوا - مونکي اڳواٽ
احوال ڏيندا هوا - مونکي حڪم ڪيو هوائون ته
صبوح جو 6 کان 9 تاءِ ۽ شام جو آفيس مان سنڌو
سنڌن آسڻ تي پهچي وڃان - سنڌن آسڻ هميشه
ڀاءُ چيسارام رامچنداڻيءَ جي گهر ڪسٽمس ڪوارٽرن
۾ هوندو هو - جيترا ڏينهن بابا جن بمبئيءَ ۾ رهندا
هوا ته مان سنڌن حڪم موجب ٽائيم انوسار پهچي
ويندو هوس - بابا جن جو وقت قيمتي سمجهندو
هوس - اهوئي اندر ۾ خيال هوندو هو ته پوري
وقت وڃي پهچان ۽ اهڙي ڪرپا پاڻ به ڪندا هوا -

سندن بمبئيءَ جو سڄو پروگرام مونکي ٿي ناهڻو پوندو هو- فقط ٻاڻ ان بابت مونکي ٻڌائيندا هوا ۽ مان پـــوءِ ڊائري ۾ لکي ناهي سندن منظوري وٺندو هوس- مـــارچ 1960 ۾ منهنجي پٽ هريءَ جو مڱڻو ٿيو- ڪجهه مصري بابا جن کـــان اجمير ڏيـــاري ويئي- شادي 27 اپريل 1960 تي مقرر ڪئي ويئي- مون يڪدم بابا جن سان لکپڙهه چالو ڪئي- وساکيءَ تي به 13 اپريل روبرو عرض ڪيم- بابا جن صفا ناڪار ڪئي- وساکيءَ تان موٽڻ بعد مون دل نه هاري- روز خط وينتيءَ جـــو لکندو هوس- مگر ڪجهه نه وريو- پوءِ آخرين خط لکيم- الائي ڪهڙي هڪ سٽ ان ۾ لکيم جنهن سندن جي دل نرم ڪري ڇڏي ۽ اچڻ لاءِ تياري ڪيائون- پر مونکي ڪو به سماچار ان باري ۾ ڪو نه لکيائون- 3 ڏينهن باقي شاديءَ ۾ هوا- مونکي ڪا به اُميد ڪو نه هئي- مونکي خيال آيو ته شادي اچي سامهون بيٺي آهي- مٽن ڪي مهمان ٻاهران اچن- ان ڪري پنهنجي سالي سندرداس کي سينٽرل ريلوي دادر ۽ پٽ هريءَ کي ويسٽرن ريلوي دادر تي موڪليم- پر مونکي جواب نه اچڻ ڪري دل ۾ آشا اُٿڻ ٿي ته بابا جن ايندا- 25 تاريخ ٻئي ڄڻا دادر اسٽيشن تي ويـــا- ان ڏينهن ئي بابا جن سينٽرل ريلوي

داد ر اچي پهتا- ڀائي شامداس ۽ ڀائي ساڌورام بہ انهن
سان گڏ هرا - ڀائي شامداس گاڏيءَ جي دروازي
تي ويٺو هو تہ يڪدم سندرداس تي نظر پيس -
بابا جن کي وچي ٻڌايائين تہ ميڙاٽي ماڻهو موڪليو
اٿو اوهان کي وٺڻ واسطي! بابا جن عجب وچان
چيو تہ اسان لکيو ئي ڪونہ هو پوءِ ماڻهو ڪيئن
مڪائين - سنتن جي مهما اپار آهي - ڪرڻ ڪرائڻ
وارا بہ پاڻ آهن - مونکي نہ تہ اهڙي مت ڪيئن
اچي - اجهو ائين اوچتو اچي بابا جن بمبئي اسان
وٽ پڌاريا - ڪين سندرداس ٽئڪسي ڪري وٺي
آيو- مان بہ وائڙو ٿي ويس- بابا جن جي درشن
ڪرڻ سان دل بهار ٿي ويئي - مون هڪ ڏينهن
لاءِ ٿي واجهايو ۽ عرض ڪيم- پاڻ اهڙي ڪرپا
ڪيائون جو پورا 4 ڏينهن اسان وٽ رهي ڪارج
ڪرايائون- بابا جن جي رهائش جو جيڪو بندوبست
ڪيو هوم سو بہ ڏسي گهڻو پرسن ٿيا - چون پيا تہ
ديوان جيسارام وٽ بہ اهڙو نو يڪلو بندوبست
ڪونهي - مون بہ ڪين مونٽ پر چيو تہ سڀ اوهان
صاحبن جو پرتاپ آهي - مونکي ڪهڙي طاقت!
ديوان جيسارام کي خبر پئي - شام جو ٿي پنهنجي
موٽر پر آيو- بابا جن کي عرض ڪيائين تہ آسڻ
هميشه اسان وٽ ڪندا آهيو - هاڻي بہ ڪرپا ڪري

آسڻ هلي اسان وٽ ڪريو- بابا جن صفا انڪار ڪري ڇيس ته شادي ۽ ڇٽيا گذاري پوءِ اوهان وٽ هلي آسڻ ڪنداسين- جنهن ڪاري لاءِ اچڻ ٿيو آهي سو پلي پورو ٿئي- هت به اسانکي ڏاڍو آنند ٿو اچي- اهڙيءَ طرح شادي ۽ ڇٽيا گذاري پوءِ بابا جن ديوان جيسارام وٽ وڃي آسڻ ڪيو- اتي فقط 2 ڏينهن رهيا پوءِ اجمير روانا ٿي ويا- مان اهي 2 ڏينهن بابا جن وٽ نيم سان صبوح ۽ شام ويندو رهيس- انهيءَ کان پوءِ بابا جن هر سال بمبئيءَ ۾ پڌاربا هوا- ڪڏهن هڪ دفعو ته ڪڏهن وڌيڪ- ائين 5-6 سال گذري ويا- مون به انهن سالن ۾ ڪين پورڻ سهڪار ڏنو- هڪ دفعو به نه گسايم- جڏهن آگيا ڪندا هوا ان موجب سندن قدمن ۾ حاضر ٿيندو هوس- اها به هڪ آزمائش هئي! ڇهين سال جڏهن وري بمبئي پڌاريا تہ مونکي حڪم ڏنائون ته هر روز اچڻ وڃڻ جي بدران اڳو پوءِ جيترا ڏينهن اسين بمبئي اچون اوترو وقت اوهان اسان سان گڏ هجو- گهر اچڻ وڃڻ جو وقت اجايو ٿو وڃي- اوهان جي بارن کي به اون ٿي ٿئي اها به نه ٿيندي- پنهنجا ڪپڙا وغيره انهن ڏينهن لاءِ اڳو پوءِ کڻي ايندا- اسانکي بہ گهڻي سهوليت ٿيندي- مون گهر ۾ اچي اهو حڪم نامو ٻڌايو- سيئي

ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيا ـ ۽ گهڻي خوشي نه منهنجي
اندر ۾ ٿي جو بابا جن اهڙي ڪرپا ڪري 24 ڪلاڪ
ئي پنهنجي مهر ڀري نظر هيٺ رکيو ـ ان وچ ۾ پيا به
سنگي شيوا ڪرڻ لاءِ اچڻ آيا ـ هڪ مان وڏي چار
ٿيا سين ـ بابا جن جو ويو پرتاب وڌندو ـ پوءِ تــ
بابا جن سال ۾ 3 دفعا به اچڻ لڳا ـ سنگت جو پريم
۽ صدق ڏسي بابا جن انڪار نه ڪندا هوا ـ مون
15 مارچ 1968 ۾ نوڪريءَ مان رٽائر ڪيو ـ ريلوي
ڪوارٽر به ڇڏڻو هو ـ ان وقت نهرو نگر ڪرلا ايسٽ
۾ نهي تيار ٿيو هو ۽ فارم ڀري پوءِ لاٽريءَ وانگر
نمبروار ڏيڻ جو فيصلو ڪيو هوائون ـ مون به فارم
ڀريو هو جو منهنجو نمبر جلد لاٽريءَ ۾ آيو ـ مان
جلد ئي اُتي وڃي رهيس حقيقت ۾ نمبر به نڪرڻ محال
هو ـ منهنجو نمبر 1999 هو ـ سڀ پيا چون ته ڏاڍو
مشڪل آهي مون بابا جن کي لکيو هو ـ انهن جواب
۾ دلجاءِ ڏني ته ڪو به فڪر ڪو نهي ـ اوهان جو
نمبر نڪرندو ـ مونکي عجب لڳو جو نمبر پهرين
هڪ سون نمبرن نڪرڻ سان ئي اچي ويو ۽ بابا جن
جا وچن سٽ ٿيا ـ ۽ گهر 4 ماڙي تي مليو ـ اهڙيءَ
طرح بابا جن منهنجا سڀ ڪارج پــورا ڪيا ـ
مونکي بمبئيءَ ۾ پنهنجو مڪان به ٿيو ـ اتان به مان وڃي
بابا جن وٽ رهندو هوس جڏهن به بمبئيءَ ايندا هوا

نه اهو نالو نياهيندو آهيس - رٽائر ڪرڻ کان پوءِ مون
بابا صاحب کي عرض ڪيو ته دين ديال جڏهن
اوهان صاحب اچو ٿا ته هت سيان دربار ۾ ڪيرتن
ٿئي ٿو - اوهان جي وڃڻ بعد به ٽيڻ گهر جي - مون
همٿ رٽائر ڪيو آهي - حڪم ڪندا ته ڪيرتن
ڪندس - ان ۾ دربار صاحب جو ناماچار وڌندو -
بابا جن لکيو ته صلاح تمام سٺي آهي - اسين شري
سنتداس مورجاڻيءَ کي لکون ٿا ته سندس ڇا وچار
آهي - سڄو بندوبست ان کي ڪرڻو آهي -
نوڪريءَ ۽ گهر جو ڪم پڻ اٿس - ڀاءُ مورجاڻي
گهرو حالتن سبب اهو ڪم ڪرڻ لاءِ مجبور هو -
صرف آرتوار ڏينهن ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو -
اهو ڪيس به موڪل جو ڏينهن هو - پر روز نه -
بابا جن خوش ٿيا - نه ڪان ته آرتوار به چڱو - مورجاڻيءَ
کي لکي موڪليائون هر آرتوار تي آسادي وار جو
ڪيرتن شروع ڪيو. اسان ميڙاڻيءَ کي به لکون ٿا -
اهو اچي ڪيرتن ڪندو - مونکي خوشي ٿي - اهو
ڪيرتن اڄ ڏينهن سوڌو هلندو ٿو اچي ٽوڙي مان
هاڻي ٻمبئيءَ ۾ نه آهيان - هر آرتوار تي ٻمبئيءَ جي
سنگت اچي ان جو لاڀ وٺندي آهي - ايندا اهي
جن کي دربار صاحب لاءِ سچو صدق ۽ پيار آهي -
اهڙيءَ طرح ڪجهه سال گذري ويا - بابا صاحب

بمبئيءَ ۾ ايندا هئا - ڪڏهن ڪڏهن داس کي به
پنداري جو موقعو ڏيندا هوا- پاڻ اچي چرن گهمائي
گهر به پوتر ڪري ويندا هوا- انهيءَ عرصي ۾ منهنجن
ٻن ڀياٽين جي شادي به ٿي وئي - باقي گهر ۾ 3
ڇٽا هواسين جو ٻيون ڀياٽيون دهليءَ وڃي رهيون
هيون - انهن کي اتي نوڪري به ملندي وئي -
پوءِ جلد ئي ٻئي پت گرداريءَ کي به دهليءَ ۾
ريلوي ۾ نوڪري ملي وئي - سڀ ڪارج بابا جن
جي آشيرواد سان ٿيندا ويا - نوڪري ته بمبئيءَ ۾
به ريلوي ۾ هوس- اها ڇڏي آيو هو جو منهنجي وڏي
ڀياٽي چاولا پنهنجو ڌندو شروع ڪيو ۽ گرداري به
اچي هن سان گڏ ڌندي ۾ شامل ٿيو - سايا 6 سال
ائين گذري ويا - بابا جن بمبئي آيا ته مونکي اندر ۾
خيال آيو ته انهن سان صلاح ڪري گرداريءَ لاءِ
نوڪريءَ جي ڪوشش ڪريان پوءِ جيئن حڪم ڏين-
بابا صاحبن سان ڳالهه ڪيم- بابا جن يڪدم فرمايو ته
هــا بابا ڪوشش ڪريو- نوڪري ملي ويندس -
باباجن جي انهن وچنن تي وشواس رکي مون کيس ڌندو
ڇڏايو - پوءِ ڪيم سندس نوڪريءَ لاءِ ڪوشش -
بابا جن جي مهر سان نوڪري جلد ملي ويس- پگهار
به شروعات ۾ 600 روپيه ماهوار - ان کان سواءِ ٻاهر
وڃي ته ڀاڙا ڀتا ۽ سڀ خرچ وغيره پڻ- مطلب ته

سنتن جي ڪرپا سان عزت آبروءَ واري نوڪري ملي
ويس - اڃان 3-2 مهينا گذريا ته وري اندر ۾ خيال
آيو ته ڇو نه ريلوي ۾ ساڳيءَ نوڪريءَ لاءِ ڪوشش
ڪجي - بابا جن جي وچن سنا ڪيون ته پوءِ ان لاءِ
به ڪوشش ڪجي - بابا جن بمبئيءَ پڌاريا ته ڪين
پنهنجي اندر جو خيال عرض ڪيم - ان نوڪريءَ
۾ ڪهڙيون ڪٺنايون ۽ رڪاوٽون پونديون آهي به
سڀ سنتن کي پڌاهر - بابا جن سموري حقيقت ٻڌي
يڪدم فرمايو ته ڀلي ڪوشش ڪريو ته ـــ ڪجي
ويندو - اصل ڳل ڇني هٿ ۾ ڏنائون - مون به وشواس
رکي ريلوي ۾ نوڪريءَ لاءِ ڪوشش ڪئي - سنتن
جي اپار ڪرپا سان ۽ سندن پوتر وچنن ڪيڻ سان
منهنجي ٻئي پٽ ڳرڌاريءَ کي جلدئي دهليءَ ۾ نوڪري
ملي - ساڳيو ئي عهدو مليس - گريڊ بـــ آهوئي مليس
فقط ٽئين طرح ڪري رکيائونس - اهو به شڪر ڪري
قبول ڪيوسين - هڪ ته نوڪري ملڻ محال هئي
ٻيو ساڍا 6 سال وچ ۾ بريڪ هئي پر ايشور جي مهر
اهڙي ٿي جو ڪنهن به اهڙو اعتراض ڪونه اٿيو - اڄ
تاءِ سنتن جي مهر ميا سان اٿي نوڪري ڪري ٿو ۽
ترقي به ڪئي اٿس - هن وقت R/s700-900 جي گريڊ
۾ ڪلاس پهرين ۾ انسپيڪٽر آهي ۽ هر طرح خوش
آهي - منهنجا ٻئي پٽڙا دهليءَ ۾ ٿيا - باقي اسين

ٻئي زال مڙس بمبئيءَ ۾ ڪرلا واريءَ جاءِ ۾ رهڻ
لڳاسين - اسانکي ٻه بابا جن حڪم ڪيو ته هاڻي
اوهين ٻه وڃي دهليءَ پٽڻ سان رهو - مون بابا جن
کي چيو ته اوهان جو حڪم چشمن تي آهي - اجهو
ائين بمبئي ڇڏائي ڇڏيائون - بمبئي واري جاءِ رکڻ
لاءِ عرض ڪيم پر اها ٻه چيائون ته وڪڻي ڇڏيو -
مون بابا جن جي حڪم موجب جاءِ پنهنجن ڀاڻيجن
کي ڏئي ڇڏي - انهن کي ٻه پنهنجو اجهو ڪپندو هو -
اسين ٻئي دهليءَ اچي پنهنجن پٽڻ وٽ رهياسين -
دهليءَ پهچڻ سان نورچشم گرڌاريءَ جون مائٽيون
ٻئي آيون - اسين اڃان بمبئيءَ هواسين ته نورچشم
هريءَ پنهنجي ڀاءُ جو مڱڻو ڪري اسانکي لکيو -
مون کيس لکيو ته ڪڇي مصري بابا جن کي اجمير
موڪلي ڏيو - ڇڪي اسين پوءِ اچي ونداسين - ان
موجب ڪڇي مصري بابا جن ورتي - اسان اڃان
بمبئي ڇڏڻ وارا هئاسين ته بابا جن ٻــه اچي اُتي
پڌاريا - مان ٻه کين گڏيس - دربار صاحب سيان ۾
ڪيرتن ڪري مان آسيس وٺڻ لاءِ بابا جن اڳيان سر
جهڪايو ته يڪدم پـــاڻ واڌائي ڏئي چيائون اسان
مصري ڪاٿي آبا آهيون - هاڻي ته شاديءَ تي ٻه
اچڻو پوندو - مونکي ان جي وينتيءَ ڪرڻ جو وجهه
ڏئي نه ڏنائون - نورچشم گرڌاريءَ جي شادي دهليءَ

۾ جولاءِ 1978 ۾ ٿي- بابا جن پاڻ اچي پنهنجي پوٽر
مبارڪ جي هٿن سان اهو ڪارج ڪرايو- منهنجي گهڻي
عرض ڪرڻ ڪري ڀائي ساڌو رام کي به وٺي آيا- ان
شرط سان ته هو شاديءَ ڏينهن رات واري گاڏيءَ ۾
اجمير واپس وڃي دربار صاحب سنڀاليندا. مطلب ته
بابا جن منهنجي من جون سڀ ڀاونائون پوريون
ڪيون- شادي سک سان گذري- بابا جن ٻئي
ڏينهن پنهنجي آسڻ تي ماتا پاربتيءَ موجاڻيءَ جي
گهر هليا ويا- مان به انهن سان گڏ ٿي ويس-
منهنجي پرپت نورچشم هريءَ سڀ ڪم پورو ڪيو-
بابا جن کي اجمير روانو ڪري پوءِ مان گهر آيس-
ان کان پوءِ دهليءَ ۾ هر سال درشن ڏيندا هوا-
2-3 سال اهو سلسلو جاري رهيو- ڪڏهن هڪ رات
ته ڪڏهن ٻه راتيون ايندا هوا وڏيڪ نه- مان به
سندن حڪم انوسار اهي ڏينهن بابا جن سان رهندو
هوس ۽ نالو ليائيندو رهيس- ان ڪري دهليءَ جي
سکن ۽ شيوڪن کي منهنجي لاءِ به قرب ۽ پيار ٿيو-
پوءِ ته دهليءَ رات رهڻ به بند ڪري ڇڏيائون-
صبوح جو اچي، رات واري گاڏيءَ ۾ هليا ويندا
هوا- جنهن ڪارج لاءِ ايندا هوا اهو ڪرائي ويندا
هوا- هاڻ ته اهو به بند آهي- سندن اوستا آخر
وڏي آهي- صحت به ٺيڪ ڪونه اٿن- نورچشم

گرڊاريءَ جي شاديءَ کان اڳ 18 اپريل 1978 تي
بابا جن کي بمبئيءَ جي سنگت خاص وينتي ڪري
گهرايو. بابا جن کي گديءَ تي ويٺي 25 سال پورا
ٿيا هوا. سنگت ان ڪري "سلور جبلي" ملهائڻ لاءِ
خاص اُتسو سيان دربار صاحب ۾ رکيو هو. مونکي
به اهو احوال آيو. مان به ان مهايگيه ۾ شامل ٿيڻ
لاءِ دهليءَ مان بمبئيءَ آيس. ڏاڍي ڌوم ڌام ۽
اُمنگ اُتساهه سان اُتسو ملهايو ويو ۽ مان به دهليءَ
واپس هليو آيس. 31 جولاءِ 1979 بابا جن جي اپار
ڪرپا سان نورچشم گرڊاريءَ کي پٽڙو ڄائو. مون
بابا جن کي بروقت واڌاين جو خط لکيو. ان ۾ وينتي
ڪيم ته بالڪ جو نالو ڪيڏي موڪلين. بابا جن
ورندي ۾ ٽپال ۾ مونکي به واڌايون لکيون. لکيائون
ته گرو صاحبن جي وچن وٺڻ سان نالو "رام" نڪتو
آهي. اوهان وٽ رام آيو آهي. بابا جن جي اوستا
ويئي چڙهندي. صحت ۽ اوستا وڏيءَ ڪري بابا جن
ڪيڏانهن به اچڻ وڃڻ صفا بند ڪري ڇڏيو آهي.
مان هر سال هڪ به دفعو اجمير درشن ڪرڻ ويندو
آهيان. ڪڏهن ڪڏهن ان جي بمبئيءَ به چڪر
ويندو اٿم. بمبئيءَ ۾ وڃڻ کان پوءِ هر آرتوار ڏينهن
سيان دربار صاحب ۾ نيم انوسار ڪيرتن ۾ شامل ٿيندو
آهيان. جيڪو مون ئي جاري ڪيو هو. 31 جو لاءِ

1984 تي بابا سروپداس صاحبن جي ورسي هئي - ان ڏينهن خاص آنسو رتيو ويو هو. دربار صاحب اجمير ۾ هنن جو پتلو براجمان ٿيل هو. مونکي پڻ احوال آيو. مان به دهليءَ مان شريڪ ٿيڻ لاءِ اجمير وڃي پهتس - واهه جي رونق لڳي ۽ موج مٺي - مان اهو مها يگيه گذاري پوءِ جلد ئي دهليءَ آيس - اوچتو ٻن ٽن مهينن گذرڻ بعد بابا جن جي صحت بگڙي وئي - سندن جان جو خطرو هو. اجمير ۾ صلاح ڏيني ته جس لوڪ اسپتال ۾ علاج لاءِ هڪدم بابا جن کي وٺي وڃجي - اتي ئي هن بيماريءَ جو علاج ٿيندو - 25 آڪٽوبر 1984 بابا صاحبن کي هوائي جهاز رستي ڀائي ساڌورام صاحب ۽ ڀاءُ رميش ڀمڀاڻي بمبئي جس لوڪ اسپتال ۾ وٺي ويا - اتي آپريشن ٿيڻو هو. اڳ ٽپاس وغيره ڪري 5 نومبر 1984 تي آپريشن ڪيو ويو جو هر طرح ڪامياب ويو. 17 نومبر 1984 تائين اسپتال ۾ رهيا - پوءِ ڊاڪٽرن موڪل ڏني ته ڀلي اجمير وڃن - سمورو وقت جس لوڪ اسپتال جي 16 ماڙي تي ڄڻ دربار صاحب هالاڻيءَ جو نظارو هوندو هو - پوءِ 18 تاريخ صبوح جو هوائي جهاز رستي بمبئيءَ مان روانا ٿي اچي سک سان اجمير ۾ پنهنجو آسڻ وسايائون - تاريخ 13 اپريل 1985 تي ويساکي هئي مان هر سال

ويندو آهيان - اڄ ڪاله ڪابه ويساکي گسائي ڪونه اٿم - مان دهليءَ مان اجمير هليو آيس - ان ڏينهن ئي دربار صاحب اجمير ۾ پنهنجيءَ جاءِ ۾ وهڻ جو مهورت به ڪيو هوائون ۽ امر اڏيري لال صاحب جي مورتي به استاپن ڪئي وئي - ان ۾ به شامل ٿيس - مطلب ته هن وقت تائين جنم وٺڻ کانپوءِ دربار صاحب سان ناتو جڙيل ئي رهيو ٿو اچي - پتا جن جي آتما جتي هوندي ته اهو ڏسي پئي آشيرواد ڏيندي- پتا جن جي وچن جي بل شڪتيءَ ۽ آشيرواد سان ستگرن سان ناتو رهجي آيو آهي- عمر جا 77 سال گذري ويا آهن - 78 سال چالو آهي - ڪافي لنبو عرصو آهي پر در هڪڙوئي پڪڙيو اٿم - صدق، پريم ۽ وشواس صرف دربار صاحب هالاڻيءَ ۾ ئي رهيو آهي ۽ فقط انهن مهاپرشن ۽ درويشن ۾ - پتا جن جي ڏنل وچن جو به ستڪار ٿيو آهي - پئي ڪڏهن پاسي منهن نه موڙيو اٿم ۽ نه موڙيندس اهو منهنجو پڪو وشواس آهي -

مونکي آتم وشواس آهي ته پتا جن جي آتما اهو ڏسي ضرور پرسن ٿيندي - اڳتي به بل بدي ۽ شڪتي ڏيندي ته هيءَ در جيڪو جهليو اٿم سو آخر گهڙيءَ تائين نه ڇڏيان - بابا جن به روز ڪيرتن

وڃڻ هيٺيون سلوڪ ڏيئي من ۾ دل کي پڪو ڪندا رهندا آهن-

پار ڪري ڪجهي هڪڙو گهڻا ٿا لهه ڪنهن
سر ۾ ڏجي هڪ کي - ٿوڙي سون سدا ڪن
سي ڇلولا ڇڏن - جي در در پائن جهاڳيون ۔

مثل پرڀو پرماتما سمت ڏيندو - سڀئين وات هلائيندو - ٻئي طرف منهن نه ڦري جو آهي اپات نه لڳي جڏهن شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ نصيحت ڏني آهي ته -

هلج سڀنئين وات ڪند نه ڦيرج ڪاڏهين
لوڏي سر اپات - متان لڳئي شاهه لطيف چوي.

الائي ڪيتري ۾ باقي گهڻا ڪٿا ٻڌل آهن - جيترا به هجن مثل انهي* ٿي راهه ۾ مستقل ٿين جيڪا هن وقت تائين هلي رهيو آهيان - مٿيون احوال پانڪن اڳيان پيش ڪيو اٿم - پاڻ امين ٿين نه منهنجو جنم ٿيو ٿي هالائي* دربار لاءِ هو يا نه - ڏن مهاپرشن ۾ گدسين جي قدمن ۾ وهڻ جو شرف مليو اٿم - انهن ڏنهين جدا جدا آشيرواد ڏني - بابا سروپداس فرمايو ته مائي هڻن جو فڪر نه ڪر - هي سيٺي ڪان سکيا رهندا - بابا مادوداس مهر ڪري فرمايو ته اوهان جو پلو انهي* نوڪري* ۾ ٿي آهي - اوهان جو گهر اسان کي پنهنجو گهر آهي - بابا گوبندداس ڪرپا

ڪري ڇيو ته ڪا به چنتا نه ڪريو - اسين اوهان سان
هميشه گڏ آهيون - تنهي درويشن جون دعائون
مليون آهن - ڪهڙيون نه سندر دعائون! واهه! واهه!
هن وقت باقي حياتيءَ جو عرصو پنهنجي گهر ۾ آرام
سان گذاريندو آهيان - بابا گوبنداس صاحبن کان
پرايل عادت انوسار صبح جو 4 بجي جاڳي پاٺهي
پاٺ ٿيندي آهي - اُٿي هٿ منهن ڌوئي پنهنجي
چانهه پاڻ ٺاهيندو آهيان ۽ ڪير ڪاڙهي رکندو
آهيان - ٻئي گهر جي ڀاتيءَ جو آرام نه ڦٽائيندو
آهيان - اندر ۾ جيڪا گرنٿ جي باڻي چاهي پڙهن ۽
ڪلام بر زبان ياد اٿم سي پيو پڙهندو آهيان - ٿورو
ڪم ڪار ۽ اُٿڻ وهڻ به پيو ٿيندو آهي پر چت
باڻيءَ ۾ رهندو اٿم - ان وقت دربار صاحب هالاڻي
اجمير ۽ بمبئيءَ سيان پنهي ڄڻا نظارا اندر ۾ ايندا
آهن - ائين سمجهندو آهيان ته ڄڻ اجمير ۾
دربار صاحب جي هال ۾ ويٺو آهيان ۽ ڪيرتن جو
لاڀ پيو وٺان - آرتوار واري ڏينهن به ڄڻ سيان
دربار صاحب ۾ ويٺو ڪيرتن جو لاڀ وٺان -
ساڍي 6 بجي صبح جو اهو سڀ پورو ڪري پوءِ
پيو ڪم ڪار ڪندو آهيان - سائينءَ کي ارداس
ڪندو آهيان ته شڪتي ۽ بل ڏيندا ته جيسين
سرير ۾ طاقت آهي تيسين اجمير ويندو رهان -

هڪ ڏينهن ويساکيءَ تي ٿي وڃي ناٽڪ نباهي اچان -
جي سر تي چيو نه ڪري له گهر ۾ ٿي نيم ڪنڊ و
پنهنجا پيچاڙيءَ جا سواس سڦل ڪري پرڀوءَ جي
چرڻن ۾ وڃان - وڇڙو له هڪ ڏينهن ضرور اٿم - ان
ڪري اهو سبق نهدي هوندي جو پڙهيل دهرائيندو
آهيان ۽ اندر ۾ آنند پائيندو آهيان دلبر کي ڏسي
دل ۾ -

"چورن وانگر آءٌ چران - پر سمجهو ڪي سمجهن
توڙي گهڙيال ٿن اڳيان - واڄٽ ڪيو وڃن
پلڪن سان پهر ٿي - ڏينهڙا پيا گذرن
لنگهيو ورهيه وڃن - پاٺهي پوندا پيش مون -
پل چڪ لاءِ پاڪ ڪرپا ڪري ڪميا ڪندا -

# بابا سائين سروپداس جي آرتي

1. اوم جئه بابا سروپداس پيارا، جئه بابا سروپداس پيارا
دکين جا دک دور ڪيو، ڪلياڻ ڪرڻ وارا
اوم جئه بابا....

2. بال اوستا ۾ اوهان پرم پد پاتو، بابا پرم پد پاتو
بڻيا دربار هالاڻيءَ جا، سنت سچا سونهارا
اوم جئه بابا....

3. لولن لنگڙن جي ڪيو پريم سندي شيوا،
بابا پريم سندي شيوا
انڌن منڊڙن جا هوا سدائين سهارا- اوم جئه بابا....

4. داتي ڏياوان اوهان جهڙو ٽيو ورلو ڪو سوامي
ٽيو ورلو ڪو سوامي
غريب هليا تي اوهان وٽ ٻنڌارا- اوم جئه بابا....

5. رهٽيءَ ڪرٽيءَ ۾ هــوا نت سادا سودا،
بابا نت سادا سودا،
رهيا سنت ڌرم تي جتي جت وارا- اوم جئه بابا....

6. ڪيٽي آيـــا تي اوهـــان در، دکي ۽ سوالي
بابا دکي ۽ سوالي،
پورڻ ڪيو آشائون ٻرڀو ڻن ٻنڌارا- اوم جئه بابا....

7. ساتوري صورت اوهانجي ڪرشن ڪنهي جهڙي
بابا ڪرشن ڪنهي جهڙي
ليٽن رهيا تي اوهانجي، سدا لال ڪمارا- اوم جئه بابا....

8. چمڪندڙ چهرو اوهان جو، نور ڀـــ نوراني،
بابا نور ڀ نوراني
رهي ٻوُ ساگر ۾ رهيا ڏنهن ڪان نيارا- اوم جئه بابا....

9. ويدانت ۾ ٻرٻوڙ هئا، پورڻ بـــرهم گياني،
بابا پورڻ برهم گياني،
نرمل ٻماٽا هئا، شو شڪتيءَ وارا- اوم جئه بابا....

10. پريم شرڌا ۽ سڪ سان، هيءَ آرتي جـــو ڳائي
هيءَ آرتي جو ڳائي
چوي "روپ" ڀڪ ٽيندا، ڪارج سڀ پورا
اوم جئه بابا....

اوم شانتي شانتي شانتي

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ٻاڙي، ڪاٺُو، ٻاجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ ڪان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَکَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ-

اِن حسابَ سان اٽجاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)